
سنڌي سماج جو
جائزو
عبدالواحد آريسر

سنڌي سماج جو جائزو

عبدالواحد آريسر

پنيور اشاعت گهر، حيدرآباد
1985ع
ڊجيٽل ايڊيشن
2016
شاهنواز سومرو
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ماترڀومي سنڌ

جي انهن گمنام انسانن جي نالي، جي سنڌ جي آزادي ۽ خوشحاليءَ لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ جي باوجود خودساخته تاريخ جي صفحن ۾ پنهنجو نالو ڳڻائي نه سگهيا.

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(131)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. **عبد الواحد آريسر** جو لکيل هي ڪتاب **"سنڌي سماج جو جائزو"** 1985ع ۾ ينيور اشاعت گهر حيدر آباد پاران ڇپيو هو.

اسان ٿورائتا آهيون سائين شاهنواز سومري صاحب جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوزنگ ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني. سائين شاهنواز سومرو سنڌي ڪمپيوٽنگ جي شروعاتي ڏينهن کان ئي سنڌي ڪتابن جي ڪمپوزنگ وارو ڪم ڪندو رهيو آهي. سندس ڪاوشون ساراهه لائق آهن جو ڪمپيوٽر تي ٻوليءَ جي ترقي لاءِ سدائين جاکوڙيندا رهيا آهن.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساجاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

مهاڳ

سنها پانءِ مَ سَپ، سُڪا جنين پيٽ؛
تنين جي جهپيٽ، جُنگن کي جوکو ٿئي.
(شاهه)

مارڪس چيو ته:
”جيڪا قوم ٻيءَ قوم کي غلام بڻائي ٿي،
سا پاڻ ڪڏهن به آزاد، ٿي نٿي سگهي.“

لينن چيو:
”جيڪو ماڻهو قومي ظلم ۽ نابرابريءَ خلاف لڙائي نٿو ڪري، سو مارڪس جي انقلابي تعليم جو سچو پوئلڳ نه ٿيو، پر سگهو جمهوريت پسند به ڪونهي.“

ڪاهوڙي ڪِجن، پَسيو پورهيت ويسرا؛
ڏوٿيئڙا ڏور ويا، رُجن منجهه رهن؛
ڪامل آهي تن؛ مون ٻِريان جي ڳالهڙي.
(شاهه)

لفظ ” طبقي “ جو عام استعمال اڻويهينءَ صديءَ ۾ ٿيڻ لڳو، جنهن کي اڳي سماجي ڌڙا چيو ويندو هو، خاص طور تي ارڙهينءَ صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ يورپ جي صنعتي ۽ سياسي انقلابن ان لفظ جي جوڙجڪي مفهوم (Structure) کي ئي تبديل ڪري ڇڏيو، جاگيرداري دؤر وارن طبقن واري تصور جي اهميت گهٽجندي وئي. انهن جي جڳهه شهري ڪارخانن، واپار، صنعت، سرمائيداريءَ ۾ ڪم ڪندڙ شهري پورهيت طبقي ورتي. ان جي تعمير ۾ موڙي سيڙائيندڙ سرمائيداري جي حوالي سان يا پنهنجي پورهئي جو، پگهار جي صورت ۾ معاوضو وٺندڙ پورهيت جي حوالي سان اقتصاديات جو وڏو عمل دخل آهي. اُن تصور کي ارڙهينءَ صديءَ جي آخر ۾، جيتوڻيڪ پراڻن قسمن جا هُنر اجان رائج هئا، تڏهن ئي ڪافي ليکڪن تسليم ڪيو.

ان تصور جا بنيادي اهڃاڻ اسڪاٽلينڊ جا تاريخدان ۽ سماجي فيلسوف جان ملر (John Muller) جي مضمون ”چئن طبقن جي ابتدا (1771ع) ۽ اُتر آمريڪا جي فيڊرلسٽ سماج (Federalist Society) جنهن ۾ جاگيردارانه ورثو موجود ئي نه هو، ۾ ملن ٿا. اڳتي هلي جيمس ميڊيسن (James Medicine) مٿي بيان ڪيل فيڊرلسٽ سماج (Federalist Society) ۾ پيداواري قوتن ۽ پيدائش جي ورهاست تفصيلي طور بيان ڪندي، مختلف طبقن جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ ٻڌايو آهي ته انهن طبقن جو هڪ ٻئي ڏانهن مفادن جي بنياد تي ۽ سياسي طرح به دشمنيءَ وارو لاڙو هو. جنهن کي اڳتي هلي مارڪس پڻ محسوس ڪيو ۽ چيائين ته: ”اهو رڳو منهنجو ڪم نه آهي ته مون جديد سماج ۾ طبقن جي موجودگي ڳولي لڌي آهي ۽ پڻ انهن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ ڳولي لڌي آهي. پر مون کان گهڻو اڳي بورجوازي تاريخدانن طبقن جي ارتقا ۽ منجهن موجود ڇڪتاڻ بيان ڪئي آهي. خاص طور تي بورجوازي اقتصاديات دانن ڍانچا بيان ڪندي، انهن ڏانهن اڻ ڇِتا اشارا ڪيا آهن.“

(جي- وي- ڊي ميئر ڏانهن خط 5- مارچ 1952ع)

جيتوڻيڪ طبقن جو اقتصاديات جي بنياد تي تصور تسليم ٿي چڪو آهي، پر پوءِ به سماجي طبقن جي اها تعريف ڏيندي ڪافي اعتراض اُٿن ٿا. خاص طور تي چيو ويجي ٿو ته ان قسم جي تصور کي ڪنهن خاص مخصوص ۽ محدود معنيٰ ۾ ته استعمال ڪري سگهجي ٿو، پر وسيع طور تي استعمال ڪرڻ سان اهو تصور ڪيترن هَنڌن تي جيئن جو تيئن نهڪي نٿو اچي. اهو مونجهارو اُن ڪري به پيدا ٿئي ٿو جو سماجي طبقن جي ان تصور کي جاگيرداري دؤر کان اڳ وارن سماجن ۾ موجود طبقن تي نهڪايو وڃي ٿو جن سماجن ۾ اهي طبقا ڪا به هڪ صورت اختيار ڪري نه

سگهيا، پر مختلف هنڌن تي مختلف ڏسڻ ۾ ٿي آيا. پر خود ميڊيسن هڪ هنڌ لکي ٿو ته ”اُهي ماڻهو جن وٽ ملڪيت آهي ۽ اُهي ماڻهو جيڪي هَٿين خالي آهن، سي سماج ۾ بلڪل واضح ۽ چٽا طبقا پنهنجي طبقاتي مفادن سان اُڀري اچن ٿا. اهي قوتون جيڪي قرضي آهن سي مٿي بيان ڪيل طبقن ۾ ساڳيءَ طرح فِٽ ٿي وڃن ٿيون. سُڌريل قومن ۾ زمين جا مفاد ۽ ڪارخانن جي پيداوار جا مفاد وڏي ۽ بين مختلف طبقن ۾ ورهائجي بيهن ٿا، جن جون سوچون ۽ جذبا پڻ پنهنجي طبقي وارا آهن.“ ساڳيءَ طرح مارڪس ۽ اينجلس ڪميونسٽ مينيوفيسٽو ۾ لکيو آهي ته: ”آزاد ماڻهو ۽ غلام ماڻهو، محب وطن ۽ غدار، آقا ۽ نوڪر، ٽرانسپورٽر ۽ مسافر چِٽا طبقا آهن ۽ طبقاتي ڇڪتاڻ ۾ مصروف آهن. جديد سماجي تجزيا ٻُڌائين ٿا ته اهو طبقاتي تفاوت دشمنيءَ جي حيثيت اختيار ڪري ۽ اندر ئي اندر سماج کي ٻن واضح ڌُرين، بورجوازي ۽ پرولتاريه ۾ ورهائين ٿا.“

انسانن جي ڇڱائيءَ لاءِ سڀ نٿا سوچين، ان لاءِ صرف اُها سوچيندڙن کي ئي ان جي معاوضي طور قربانيون ڏيڻيون آهن، اهي قربانيون ڏيندڙ پيداواري قوت جي لحاظ کان ساڳيا مفاد رکندڙ اڪثريتي عوام ئي آهن. ان معنيٰ ۾ ڪوبه سماج طبقن کان خالي نه آهي، خود انقلاب جو برپا ٿيڻ ئي طبقاتي ڇڪتاڻ جو نتيجو هوندو آهي، مارڪس تاريخ جو گُوڙهو چيد ڪري ڏنو ته ان جو هر اصول ڪنهن نه ڪنهن سماجي طبقي جي اقتصادي آرگنائيزيشن جي نمائندگي ڪري رهيو آهي. جيئن غلامي خاندانيءَ مان، امير طبقي مان، جاگيرداري زمين جي مالڪاڻن حَقن مان، سرمائيداري مُوڙيءَ جي سيڙائيندڙ طبقي هٿان ۽ سوشلزم مزدور هٿان. اهڙي طرح هر دور ۾ وقت جي تقاضا مطابق اُڀرندڙ طبقي جي طبقاتي ڇڪتاڻ پرائي طبقي جي تسلط کي هٽائي ان جي جڳهه پئي ورتي آهي ۽ جيستائين سماجن جو وجود باقي آهي، تيستائين اِئين ٿيندو رهندو. اهڙيءَ طرح سرمائيداريءَ جو مزدورن جي جدوجهد هٿان خاتمو ٿي، پرولتاريه ڊڪٽيٽرشپ جو دور ايندو، جيڪو ڪميونزم ڏانهن وٺي هلندو، جيڪا انسان جي آخري منزل آهي.

مختصرن مارڪس سموريءَ تاريخ کي طبقاتي ڇڪتاڻ جي نڪته نگاهه سان ڏِسي ٿو، جيڪا ڇڪتاڻ قابض ۽ قبضي هيٺ آيل جي وچ ۾ آهي، جيڪا ڇڪتاڻ استحصالي قوتن ۽ استحصال جو شڪار ٿيندڙ قوتن جي وچ ۾ آهي. جيڪا ڇڪتاڻ حاڪم ۽ محڪوم جي وچ ۾ ٿيندڙ آهي. سرمائيداري اڄ پنهنجي بچاءَ ۽ بقاءَ لاءِ بلڪل اِئين وڙهندڙ آهي، جيئن ڪلهه جاگيرداري پنهنجي بچاءَ ۽ بقاءَ لاءِ وڙهي هئي. پر اُن جو انت اچڻ يقيني آهي. اهي مُدي خارج

سڪرات ۾ مبتلا ادارا بلڪل سڪرات ۾ مبتلا ماڻهوءَ وانگر آهن، جيڪو وقت جي پيش قدميءَ کي روڪي نٿو سگهي.

مارڪس مطابق، ڏوهن ۾ واڌ ٿيڻ جو سبب پڻ طبقاتي سماج آهي. ڇاڪاڻ ته ان سماج ۾ پيداواري قوتن **(مزدورن ۽ هارين)** جي رت ۽ ست جي پورهئي مان ٿيل پيداوار جيئن ته استحصالي قوتن **(مٿئين طبقي)** جي وَر چڙهيو وڃي. ۽ جيئن ته انهن پيداوري قوتن جي رهڻ ڪهڻ ۽ گذران جي ذريعي تي ٿيندڙ ان استحصالي عمل جو ئي اهو نتيجو آهي ته انهن پيداوري قوتن (مزدورن ۽ هارين) ۾ بيگانگيت پيدا ٿيندي آهي، جنهن جي اثر ۾ هو ڏوهاري ٿي اڀرندا آهن. اهو پڻ انهيءَ نظام جو ڏين آهي ته اُن ۾ بي روزگاريءَ سببان ڪافي خود ڪشين جا واقعا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. ان کان علاوه مٿين استحصالي طبقن کي، اُهو طبقاتي سماج، ڪنهن به سماجي قانون جي جڪڙ ۾ نه آڻيندو آهي. پر انهن قانونن جو اطلاق صرف غريبن (هيٺئين طبقي) تي ئي ٿيندو آهي ۽ اُن قانوني بِہ اڪيائي سببان هيٺئين طبقي ۾ انتقامي ڪارروائيءَ جو جذبو اُڀرندو آهي ۽ هو ڏوهه ڪرڻ تي آماده ٿيندا آهن. اُن قسم جي ڏوهن جو گهڻي تعداد ۾ ٿيڻ خاص طور تي مزدور عورتن، ناجائز نوڪرين، ٻارڙن جي مزدوري ۽ ٻارن جي صحيح پالنا نه ٿيڻ ڪري ٿئي ٿو.

جيتوڻيڪ مارڪس ۽ ساڻس اختلاف رکندڙن پنهنجي پنهنجي نڪته نگاهه کي واضح ڇٽو تفصيلي ۽ وسيع معنيٰ ۾ ڪري پيش ڪيو آهي، پر مارڪسي نڪته نگاهه وارن ليکڪن جون لکيتون مضبوط دليلن جي بنياد تي هئڻ ڪري، اقتصاديات، سياست توڙي فلاسافيءَ جي ميدانن ۾ پنهنجو وجود تسليم ڪرائيندڙيون رهيون آهن. مارڪسي نڪته نگاهه جي تمام پوءِ واري ليکڪ هنگريءَ جي فيلسوف ۽ نقاد جارجي ليوڪاڪس (George Lucockus) پنهنجا ڪافي مضمون ڪَٺا ڪري 1953ع ۾ هڪ موضوع ”تاريخ ۽ طبقاتي شعور“ هيٺ ڇپائي پڌرو ڪيو، جنهن ۾ هن جو تمام گهڻو زور طبقاتي شعور تي رهيو. جنهن کي بيان ڪندي هن هڪ نئون فريق متعارف ڪرايو، جيڪو هو ”انقلابي دانشور“ جنهن جو اُن طبقاتي شعور جي واڌاري ۾ بنيادي ڪردار ٻُڌايو ويو آهي.

جيستائين سماجي طبقن بابت جن مرتب ۽ جامد اصولن جو تعلق آهي ته اُن قسم جا اصول ڇِٽي ۽ صاف نموني ۾ 19 صديءَ ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جڏهن جديد سائنس خاص طور تي سماجيات

ترقي ڪئي. جيتوڻيڪ اِئين به نه آهي ته اُن کان اڳ جي ليکڪن کي اها خبر نه هئي ته سماج اندر رهندڙ طبقن ۾ اڻ برابريون موجود آهن، پر هنن انهن اڻ برابرين لاءِ ڪوبه نهيل تڪيل اصول نه ڏنو صرف افلاطون ۽ ارسطوءَ ڪي خيالي سماجي نظام ڏنا جن ۾ طبقا به موجود هئا، ۽ انهن جي حڪومت هلائڻ جا طريقا به ڏسيا ۽ سمجهيو ته اِئين ڪرڻ سان سماجن اندر ڪوبه طبقاتي تضاد نه رهندو. افلاطون مطابق سماج ۾ ٽي طبقا هئڻ ڪپن: مالڪ، ڪم ڪار هلائيندڙ ۽ مزدور- جن ۾ پيدا ٿيندڙ هر تضاد مالڪ جي مرضيءَ مطابق حل ٿيڻ کپندو هو، ته وري ارسطوءَ واري خيالي سماج ۾ پڻ ٽي طبقا هئڻ کپندا هئا، تمام شاهوڪار، تمام غريب ۽ وچولا- هن جي چوڻ مطابق ته اُن نظام لاءِ اهڙو سياسي سرشتو هجي جنهن تي وچئين طبقي جي بالادستي هجي.

مارڪس کان اڳ وارا رايا:

سترهين ۽ ارڙهين صدي عيسويءَ ۾ اهو اڻ برابريءَ جو انديشو ذهنن ۾ رکندي بورجوازين طرفان ارسطوءَ جي ڏنل اصولن تي بحث ٿيڻ لڳا جن ۾ برطانيه جا به فيلسوف نمايان حيثيت ۾ رهيا: هڪڙو ٿوماس هوبس (Thomas Hobbs) ۽ ٻيو جان لاڪ (John Lock) جن ۾ هوبس مطابق اقتصادي مارڪيٽن ۾ واڌارو آندو وڃي جن رستي ماڻهوءَ ماڻهوءَ ۾، ڪنهن حد تائين برابري اچي ويندي. پر جي پوءِ به ڪا جنگي ڇڪتاڻ جي صورت اچي وڃي ته اُن کي هڪ زوردار حڪومت مداخلت ڪري دٻائي. جڏهن ته لاڪ، مالڪ ۽ مزدور جي وچ ۾ اقتصادي تفاوت کي فطري محسوس ڪري ٿو. هڪ فرينچ سياسي فيلسوف جين جيڪسن روسو، پنهنجي هڪ مضمون ”اڻ برابريءَ جي شروعات (1755ع)“ ۾ چٽو فرق ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته هڪڙيون اڻ برابريون اُهي آهن جيڪي فطرتي طور تي، انسان جي پيدائش سان گڏوگڏ وجود ۾ آيون آهن ته ٻيون اڻ برابريون اُهي آهن، جيڪي مخصوص سماجي نظامن جي ترتيب ڏنل ڏانچي سببان وجود ۾ آيون آهن، پر پوءِ به هو سماج کي فردن جو مجموعو ڪري تصور ڪري ٿو، نه ڪي طبقن جي مجموعي طور. ان کان پوءِ جنهن فيلسوف جي ڏنل اصول ۾ طبقا (هينيون ۽ مٿيون) ڪنهن حد تائين چِٽا ملن ٿا، سو آهي ميڊيسن، جنهن جي ڏنل اصول مان ڪي خاص ڳالهيون اڳتي هلي مارڪس پنهنجي طرفان ڏنل اصول ۾ ڪم آنديون.

اهڙا ٻيا ليکڪ جن ارڙهين ۽ اُڻويهين صدي عيسويءَ ۾ سماجي طبقن واري موضوع تي ڪارگر ڪم ڪيو ۽ ڪي اُصول تجويز ڪيا، تن ۾ اسڪاٽلئينڊ جي فيلسوفن آدم فرگوسن (Adam Ferguson) ۽ مُلر (Muller) مشهور آهن. جن اهو پڻ اشارو ڏنو آهي ته ملڪي سياست تي اقتصادي نڪته نگاهه کان سماجي طبقن جو وڏو اثر آهي. اُن خيال کي فرينچ سماجي ڄاڻو سائنٽ سائمن (Saint Simon) 1827ع ۾ وڌيڪ واضح نموني ۾ بيان ڪيو. ايتري تائين هن چيو ته ڪنهن ملڪ ۾ حڪومت هلائيندڙن جي ڪردار ۽ حڪومتي نظام تي سماجي نظام جو اثر هوندو آهي. جاگيرداري نظام جي ٽُٽڻ سان ۽ سرمائيداري نظام جي شروع ٿيڻ سان، حڪومت هلائيندڙن جو ڪردار ۽ خود حڪومتي نظام، ان تبديليءَ جي اثر سان پيدا ٿيندڙ هوندو آهي. سائنٽ سائمن جي ڪجهه پوئلڳن جي 1824ع وارين لکڻين ۾ پرو لتاريه واري اصول ڏانهن اڻ چٽا اشارا ملن ٿا. جنهن کان پوءِ هڪ مشهور سماجيات جي ماهر ۽ اصولن جي قانوندان لارزوون اسٽين (Larzwoon Stein) 1842ع ۾ پنهنجي لکڻين رستي پرولتاريه جي اصول کي جديد سماجن جي سياست جو مکيه محرڪ ڪري پيش ڪيو آهي. هن جي انهن اصولن جو، مارڪس طرفان ڏنل اصول تي سڌو سنئون اثر آهي. هڪ اصولدان آدم سمٿ (Adam Smith) سياسي اقتصاديات بيان ڪندي طبقن ۽ انهن جي سياست تي اثر واري ڪردار جو ذڪر ” قومن جي ملڪيت (1876ع) “ ۾ ڪيو آهي. جنهن کي وري برطانيه جي مشهور اقتصاديات جي ماهر ڊيوڊ رڪارڊو (David Ricardo) (1837ع) ۾ ٿوري ردوبدل سان بيان ڪيو آهي.

مارڪسي تجزيو:

مارڪس جو طبقات جي باري ۾ ڏنل اصول. جيڪو اڳين سڀني اصولن کان وزندار، منطقي ۽ عملي لڳي ٿو، تنهن لاءِ جيئن ته مارڪس خود مٿي هڪ هنڌ بيان ڪري آيو آهي ته اها صرف سندس ذات جي ڪوشش جو نتيجو نه پر ماضيءَ ۾ ان موضوع تي ڪم ڪندڙن جي جاکوڙن جو پڻ اُن ۾ عمل دخل آهي. پر پوءِ به ان کي اُن اصول واري شڪل ۾ مارڪس ئي آندو، جنهن ۾ هن چيو ته: ”(1) سماج ۾ طبقن جي وجود جو دارومدار پيداوار جي ترقيءَ واري مخصوص تاريخي دؤر تي آهي. (2) طبقاتي ڇڪتاڻ جو منطقي نتيجو پرولتاريه ڊڪٽيٽرشپ جي صورت ۾ نڪرڻو

آهي. (3) اُها ڊڪٽيٽرشپ پنهنجو پاڻ ۾ هڪ ذريعو آهي، جنهن سان طبقا ختم ٿيندا ۽ غير طبقاتي سماج وجود ۾ ايندو“

مارڪس مطابق سماجي نظامن جي وچ ۾ فرق ظاهر ڪندڙ قوت انهن سماجن جي مُوڊ آف پراڊڪشن (Mode of Production) ئي آهي (يعني ان ۾ ڪم ڪندڙ مزدور ۽ ڪم ايندڙ اوزار). هر موڊ آف پراڊڪشن پاڻ ۾ هڪ خاص قسم جو طبقاتي نظام رکي ٿيو، جنهن ۾ هڪ طبقو سموري پيداواري مرحلن تي قابض ۽ حڪم ڏيندڙ هوندو آهي. جڏهن ته ٻيو طبقو يا ٻيا طبقا اُن قابض طبقي لاءِ پيداوار ڪندا آهن ۽ اُن جي هر خدمت ڪرڻ لاءِ ٻَڌا رهندا آهن. سماج ۾ موجود اُنهن طبقن جو هڪ ٻئي ڏانهن مخالفانه رويو هوندو آهي، ڇو ته اُنهن جا پاڻ ۾ پيداوار جي ورڇ تي ڇِتا ۽ واضح تضاد هوندا آهن. ڪن خاص موقعن تي جڏهن سائنس ۽ ٽيڪنالوجي جي ترقيءَ سببان موڊ آف پراڊڪشن ۾ تبديلي ايندي آهي ته مزدور جي حيثيت پڻ تبديل ٿي ويندي آهي ۽ اهو مزدور، مدي خارج سماجي نظام کي بحال رکندڙن سان جهيڙي ۾ اچي ويندو آهي. ڪنهن به نظام جو قابض طبقو نه رڳو پيداواري مادياتي حيثيت تي قابض رهندو آهي، پر خيالن ۽ سوچن جي سَرچڻ تي پڻ قابض رهندو آهي، ان ڪري هو هڪ خاص قسم جي ثقافتي لاڙي ۽ قابض سياسي اصولن کي پڪو ۽ پُختو ڪرڻ چاهيندو آهي. جنهن مخصوص سياسي نظام رستي هو سمورن سماجي ادارن تي پنهنجي بالادستي قائم رکي سگهندو آهي. مذهب، خود طبقاتي ڏاڍ ۽ ظلم مان خيالي ڇوٽڪاري جو ذريعو آهي جنهن رستي انسان پنهنجي سموري پيڙا ۽ پوڪنا جو حَل ڪنهن جدوجهد رستي حاصل ڪرڻ بجاءِ، اُن جو معاوضو ڪنهن ايندڙ خيالي دنيا ۾ ملڻ جو چئي ۽ پيڙيل طبقي کي پيڙيندڙن جي خلاف هڪ ڳڏيل، جائز ۽ حقيقي انسان دوست – جدوجهد کان هٽائي گويا اُن هلندڙ ويڙهه ۾ پيڙيندڙ استحصالي قوتن جو، شعوري يا لاشعوري ساٿ ڏئي وجهي ٿو. ان سان گڏوگڏ سماج ۾ رهندڙ اُهو طبقو جيڪو پيداواري قوت هئڻ سان گڏوگڏ تعداد ۾ پڻ

وڏندڙ هوندو آهي ته اثردار پڻ هوندو آهي. سو اُن هالُو چالو مُوڊ آف پراڊڪشن کي تبديل ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وجهندو آهي. اُن عمل دوران نوان سياسي نظريا ۽ نيون جدوجهد جون حڪمت عمليون تيار ڪندو آهي.

مارڪس مطابق سنڌس ڏنل ' طبقن بابت اصول سنڌس سمورن سماجي اصولن جو مکيه ۽ مرڪزي نقطو آهي، چو ته اُهي طبقا ئي هوندا آهن جيڪي ڪنهن مملڪت، ڪنهن مخصوص موڊ آف پراڊڪشن رستي ڪي مخصوص سماجي نظام بحال ڪرايو ايندا آهن. جيئن آفيسر شاهي انتظاميه مٿين ڪلاس جي، قبضي کي مضبوط ڪرڻ جي هٿيار طور ڪتب ايندي آهي. آفيسر شاهي سماجي طبقن جي وچ ۾ هڪ اهڙو گروهه آهي، جيڪو حڪومتي انتظاميه جي هٿئي طور ڪتب اچي پنهنجي زوردار وجود جو تصور مڃائيندي آهي. سرمائيدار حڪومتن ۾ آفيسر شاهي اُهو هڪ نِچوڙ آهي، جنهن سان استحصالي قوتون عوام جي استحصال ۽ ڦرلٽ واري نظام کي مضبوط ڪنديون آهن. جتي جتي سماج اندر ننڍن طبقن جي هڪ ٻئي ۾ ڇڪتاڻ وڌندي ويندي، تِتي تِتي آفيسر شاهي پنهنجي ظالمانه ۽ وحشي پڻي واري صورت ۾ اُڀري ايندي. ان ڪري ئي مارڪس جو چوڻ آهي ته سرمائيدار سماجن ۾ موجود آفيسر شاهيءَ جي رويي ۽ ڪردار مان اها خبر پئجي سگهندي آهي ته اتي جي سماج ۾ اندر طبقاتي ڇڪتاڻ ڪيتري قدر فعال آهي. اُن مان جان ڇڏائڻ لاءِ مارڪس وٽ حَل سوشلزم آهي. هو چوي ٿو ته ”سرمائيداري نظام کي ٽوڙي، عوام جو سوشلزم وارو راڄ قائم ڪرڻ سان طبقاتي ويڇا مِٽبا ويندا ۽ آفيسر شاهيءَ جو دَم ٽُٽندو ويندو ۽ آئينده جي ڪميونسٽ سماج اندر ڪوبه طبقو نه رهندو ۽ اُن صورت ۾ موجوده استحصالي ڌندو يعني ملڪيت ۽ ان جي ڪارندا آفيسر شاهيءَ جو خاتمو ايندو.“ جنهن صورت ۾ آفيسر شاهيءَ جي وجود جي بقا لاءِ استحصال ڪندڙ ۽ استحصال جو شِڪار ٿيندڙ طبقن جو هئڻ لازمي آهي، ان صورت ۾ ڪميونسٽ سماج جيئن ته انهن ٻنهين براين کان پاڪ آهي، تنهن ڪري ان ۾ استحصالي قوتن جي مهري طور ڪتب ايندڙ آفيسر شاهيءَ لاءِ ڪا به جڳهه ڪانه هوندي.

مارڪس کان پوءِ جا تجزيا:

مارڪس کان پوءِ هر تجزيه نگار جي اِها ڪوشش پئي رهي آهي ته مارڪسي نظرئي جون کوٽون پوريون ڪري، مارڪسي نظرئي جي جديد حالتن پٺاندڙ تشريح ڪري يا مارڪس

جي پيٽ ۾، جديد سرمائيداري سماج ۾ موجود طبقن جي باري ۾، ڪو نئون نظريو پيش ڪري. اُن ڏس ۾ جرمن فيلسوف ميڪس ويب (Max Webb) جون ڪيل ڪوششون وساري نٿيون سگهجن. هن جي نڪتہ نگاه مطابق تہ: ”سرمائيداريءَ جي وجود ۾ اچڻ جو ڪارڻ ڪجھ: خيالن جي عمل دخل ڪري ٿي ٿو. پر گهٽ اثر اقتصادي ورثاءَ خلاف اُٿيل احتجاج جو ٿئي ٿو ۽ ڪجھ اثر بورجوازين جي اقتصادي مفادن جي دٻاءَ جو ٿئي ٿو.“

اُنهن تجزين کان پوءِ جيڪا ڳالھ نهايت ئي اهميت ڏيڻ جهڙي آهي سا آهي تہ مختلف طبقن ۾ موجود وصفون (Qualities) ۽ اُنهن وصفن جي بنياد تي انهن ۾ فرق. جنهن موضوع تي انهن مختلف مڪتبہ فڪر جي سائنسدانن ۽ فيلسوفن جو گهٽي ڀاڱي اتفاق رهيو آهي تہ جديد سرمائيداري سماج ۾ موجود مکيہ مختلف طبقا هڪ ٻئي کان وصفن جي معاملي ۾ بہ مختلف آهن، اهڙي خاص وِٿي يا فرق چِٽيءَ طرح مٽين، وچين ۽ هيٺين طبقي ۾ ڏسڻ ۾ ايندو.

جيتوڻيڪ مغربي ملڪن جي صنعتي سماجي نظامن ۾ رهندڙ سائنسدانن ۽ فيلسوفن هيٺين طبقي جو ذڪر ڪندي هاريءَ کي گهٽ بيان ڪيو آهي، پر اُهي (هاري) خود ڪافي اهميت لهڻ ٿا. ڇو تہ ڪافي يورپي سماجن ۾ اڄان تائين هارين جو جوڳو تعداد موجود آهي ۽ خاص ڪري اُڀرندي يورپ جي سوشلسٽ ملڪن ۾ تہ هاريءَ جي وضاحت کان سواءِ هوند سماجي تجزيو اڻپورو لڳندو. ماضي قريب ۾ هارين ان لاءِ بہ پنهنجي اهميت مڃائي آهي، جو ڪافي ترقي پذير ملڪن ۾ هارين جي مدد سان هلايل جدوجهدن، ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. روشن خيال سماجي سوچيندڙ تہ ٽينءَ دنيا جي ملڪن ۾ مکيہ انقلابي ڪردار ادا ڪندڙ قوت طور هارين کي پيش ڪري رهيا آهن.

جيئن تہ مٿي بيان ڪيل طبقن جي وضاحت ۾ خاص اهميت واري ڳالھ جيڪا ڏسڻ ۾ ايندي سا آهي سماج ۾ موجود مختلف تضاد. جيئن محڪوم ۽ سامراج جي وچ ۾ تضاد، پرولتاريہ ۽ بورجوازي طبقي جي وچ ۾ تضاد، هڪ طرف هاري ۽ هيٺين وچين طبقي ۽ ٻئي طرف بورجوازي طبقي جي وچ ۾ تضاد، مختلف رجعت پسند حڪمران گروهن جي وچ ۾ تضاد موجود آهي وغيره وغيره. هنن تضادن جي باري ۾ هڪ رويو اختيار نٿو ڪري سگهجي، ڇو تہ هر هڪ تضاد جي پنهنجي پنهنجي الڳ خاصيت آهي. وڌيڪ تہ هر تضاد جي ٻنهين پهلوئن بابت هڪ ئي نموني جو رويو اختيار ڪري نٿو سگهجي، ڇو تہ هڪ ئي تضاد جي هر پهلوءَ ۾ پنهنجون پنهنجون خاصيتون موجود

آهن. هونءَ ته جيئن اسان مٿي چئي آيا آهيون ته مکيه تضاد طبقاتي تضاد آهي. پر اُهو به ڪو نهيل نڪيل فارمولا يا صحيفو نه آهي، جو جيئن جو تيئن فِٽ ڪري ڇڏجي پر اهو خود حالتن پٽاندڙ، مختلف قومن ۾ مختلف وقتن تي مختلف ٿي سگهي ٿو. مثال طور سرمائيداري سماج ۾ به متضاد قوتون موجود آهن.: پرولتاريه ۽ بورجوا انهن جي وچ ۾ موجود تضاد، مکيه تضاد هوندو آهي. ٻيا تضاد، مثال طور رهيل جاگيردار طبقو ۽ بورجوازي طبقي جي وچ ۾ تضاد، هاري- بورجوازي ۽ ننڍي بورجوازي طبقي ۾ موجود تضاد، آزاد سرمائيدارن ۽ هڪ هٽي سرمائيدارن جي وچ ۾ تضاد، اهي سمورا مکيه تضاد حل ڪرڻ سان خودبخود حَل ٿي وڃن ٿا.

چين جهڙي ٻيٺڪي ملڪ ۾ (جيڪو جپان جي قبضي دوران، سنڌ جي موجود حالت سان ڪافي حد تائين هڪجهڙائي رکي ٿو.) مکيه تضاد ۽ غير مکيه تضادن جي وچ ۾ لاڳاپو هڪ پيچيده تصوير پيدا ڪري ٿو. ان لاءِ مائوءَ جو اُن وقت جي چيني سماج بابت مکيه تضاد جي لحاظ کان مؤقف هو ته: ”جڏهن سامراج ڪنهن اهڙي مُلڪ جي خلاف ظالمانه جنگ شروع ڪري ٿو ته ڪجهه غدارن کي ڇڏي انهيءَ جا سمورن الڳ الڳ قسمن جا طبقا سامراج جي خلاف قومي جنگ ۾ عارضي طور تي متحد ٿي سگهن ٿا. اهڙي وقت ۾ سامراج ۽ انهيءَ (محڪوم) ملڪ جي وچ ۾ تضاد، مکيه تضاد بڻجي ٿو. جڏهن ته ملڪ جي اندر مختلف طبقن جي وچ ۾ سمورا تضاد (جن ۾ هي مکيه تضاد يعني جاگيردارانه نظام ۽ عوام جي وچ ۾ تضاد به شامل آهي) عارضي طور تي ٻئي قسم جي ۽ هينئين حيثيت اختيار ڪن ٿا. چين ۾ 1800ع جي آفيم واري جنگ، 1894ع چين – جپان جنگ ۽ 1900ع جي اي هو توان جنگ ۾ اهوئي ٿيو هو. ۽ موجوده چين – جپان جنگ ۾ به اهوئي ٿي رهيو آهي.“

اُن نڪته نگاهه کان اسان ڏسنداسون ته اڄ جي سنڌ جي هن سماجي گهوٽالي جو حَل جاچڻ لاءِ جيڪڏهن ڏسبو ته ان جي اڳيان به آزادي حاصل ڪرڻ وارو يعني سامراج ۽ ٻيٺڪيت جي وچ ۾ هئڻ وارو ساڳيو ”مکيه تضاد“ جي حيثيت ۾ نظر ايندو. تڏهن اسان لاءِ به اُهو واحد صحيح انقلابي رستو يعني ” قومي آزاديءَ جي جدوجهد هلائڻ جي تحريڪ “ وارو وڃي رهيو آهي. ته اسان به اهو پنهنجو فرض سمجهون ٿا ته هِن خطي ۾ انقلابي ڪم ڪندڙن توڙي اهڙي قسم جو چاهه رکندڙن کي عرض ڪريون ته هو به پنهنجون اُهي انانيتون ڇڏي. انقلابي ڏاهپ جي ڏسيل هِن سِڌي سنواتي گَس تي اچي اسان سان هَٿُ هَٿَ ۾ ڏئي اڳتي وڌن، جنهن ۾ ئي سندن انقلابيت ۽ ترقي پسنديءَ جو

راز آهي. اُن لاءِ لينن جو چوڻ آهي ته ”مارڪس جي انقلابي تعليم جا پوئلڳ جيڪڏهن جمهوريت ۽ پورهيت طبقي سان غداري ڪرڻ نٿا چاهين ته پوءِ سندن لازمي فرض آهي ته هو قومي سوال جي هڪ خاص گهُرَ جي ضرور حمايت ڪن. اُها گهُرَ آهي قومن طرفان پنهنجي قسمت جو فيصلو پاڻ ڪرڻ جي حَق جي گهُرَ. يعني سياسي علحدگيءَ جي گهُرَ“ يا ”قومي خوداختياريءَ جي معنيٰ آهي ته اهي قومون ڌارين قومن کان سياسي طور الڳ ٿي، پنهنجون خودمختيار حڪومتون ناهين.“ يا ”هر ڪنهن مظلوم قوم جي قوم پرستيءَ ۾ هڪڙو عام جمهوري مواد هوندو آهي، جيڪو ظلم جي خلاف ڪتب ايندو آهي. اسين اُن مواد جي بنا شرط شروط جي تائيد ڪريون ٿا.“

جيئن ته قوم ۽ سندس تهذيب ۽ ثقافت جڙڻ لاءِ مخصوص جاگرافيائي، سماجي ۽ تاريخي عناصر ۽ انهن جو سالها سالن جو ميل – جول ضروري هوندو آهي. قومون اُن ورثي کي پنهنجي تشخص جو ضامن سمجهنديون آهن. پر جڏهن ڪي قومون ٻاهران کان اچي انهن ملڪي قومن جي تهذيب ۽ ثقافت سان هٿ چراند ڪنديون آهن، تڏهن انهن اصلوڪين قومن ۽ انهن ٻاهران آيل قومن ۾ تضاد پيدا ٿيندا آهن. جيئن الهندي يورپ ۽ آمريڪا جي حملي آور ملڪن ۽ ٽين دنيا جي ڏُتڙيل ملڪن جي وچ ۾ پيدا ٿيل تضاد آهن. اهي تضاد نه رڳو جديد سامراج جي وجود ۾ اچڻ ڪري ۽ سِڌي ٽَڪر ۾ اچڻ ڪري پيدا ٿيا آهن، پر انهن حملي آوارن ۽ محڪوم ملڪن جي ماڻهن جي گڏ رهندي، هڪ ٻئي سان ٻه – اکائيءَ واري ورتاءُ سبب به اهي تضاد وڌيا آهن. جيئن آفريڪا ۾ ٻاهران آيل سفيد اقليت ۽ اتان جي اصلوڪي ڪاري اڪثريت جو هڪ ٻئي سان ورتاءُ آهي. يا يهودي آباديءَ ۽ فلسطينين جي آباديءَ جو پاڻ ۾ آهي. يا پنجاب جي قابض آباديءَ ۽ سنڌ جي محڪوم آباديءَ جو پاڻ ۾ آهي. انهن تضادن جو بنياد اقتصاديات ۽ سياست کان علاوه جن اهم ڳالهين تي آهي، سي آهن ٻولي ۽ ڪلچر. هونءَ به تاريخي طور تي اهو ثابت ٿي چڪو آهي ته اُهي يورپي ملڪ جيڪي ٻوليءَ ۽ تاريخي روايتن جي بنياد تي وجود ۾ آيا، انهن ۾ دائميت ۽ ترقيءَ جا رجحان رهيا؛ ۽ جيڪي ملڪ مذهب جي بنياد تي يا ڪنهن وقت ڪنهن هڪ ئي ملڪ جون ٻيٽڪون هئڻ جي بنياد تي وجود ۾ آيا، سي سماجي، اقتصادي ۽ سياسي گهوٽالن جو شڪار ٿيندا رهيا. سوشلسٽ روسي قيادت ان ڳالهه کان باخبر هئڻ ڪري 1903ع ۾ روسي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو صحيح بنياد رکڻ وقت، اُن پارٽي ڪانگريس پنهنجي پروگرام جي قلم - 9 ۾ گهر ڪئي ته ”روس جي غلام قومن کي پنهنجي سياسي مستقبل جي پاڻ فيصلي ڪرڻ جي آزادي ڏني وڃي.“

انهيءَ فڪري جي خلاف مها روسي ذهنيت رکندڙ روسي سوشلسٽن زبردست اعتراض ڪيا ۽ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته قومي مسئلي کي اهميت ڏيڻ انقلاب دشمني آهي. انهيءَ ڪري 1922ع جي پڇاڙيءَ ۾ لينن جي هدايت تي اسٽالن پنهنجو جڳ مشهور مقالو " مارڪسزم ۽ قومي سوال " لکيو. جنهن ۾ قومي حَقن ۽ قومي جدوجهد تي انقلابي نقطہ نگاھ کان روشني وِڌي. لينن پڻ 1923ع ۾ قومي جدوجهد جي مسئلي تي پنهنجي مشهور مقالن جو سلسلو شروع ڪيو.

اهڙيءَ ريت ٽين انٽرنيشنل جي ٻي ڪانگريس پڻ انهيءَ نتيجي تي پهتي هئي ته ايشيا ۽ آفريڪا ۾ قومي جدوجهد لازمي طرح وچئين طبقي جي سرمائيدار جمهوري جدوجهد هوندي، يا اها پورهيتن جي اڳواڻيءَ هيٺ سڀني وطن – دوست طبقن ۽ فَردن جي گڏيل محاذ جي وسيلي هلائي ويندي. آفريڪا جي انگولا، موزمبيق، گني ۽ ٻين تمام پوئتي پيل علائقن جي هٿيار بند قومي جدوجهدن اجا ہ هڪ وِڪ اڳتي هلي اها ڳالھ ثابت ڪري ڏيکاري آهي ته قومي جدوجهد اهڙن ملڪن ۾ ب هلائي سگهجي ٿي، جتي ڪو خاص صنعتي مزدور طبقو ناهي. اهڙين خاص حالتن ۾ هڪڙيءَ ننديءَ قوم جا پورهيت – هاري، جيڪڏهن دنيا جي پورهيت انقلابي نظرئي سان هٿيار بند ڪيا وڃن ۽ انقلابي پورهيت حڪمت عمليءَ ۽ چالُن کان ڪم وٺن ۽ جنگ جي اصولن مطابق هٿيار بند عوامي جدوجهد هلائين ته اُهي ب قومي آزاديءَ جي واسطي سان، سوشلسٽ انقلاب جي منزل تي رَسي سگهن ٿا.

قومي آزاديءَ لاءِ هلائيندڙ تحريڪن وارين تنظيمن ۾ جيئن ته مختلف طبقن جا ماڻهو اچن ٿا، هر ماڻهوءَ جي سوچ تي ڪنهن نہ ڪنهن طبقي جي سوچ جو غلبو هوندو آهي. سندن ذهنن ۾ ان جي ابتڙ خيال ب هوندا آهن. اُهن ٻنهي اُبتڙ خيالن جي وچ ۾ جنگ هلندي رهندي آهي. ممڪن آهي ته هڪڙي ماڻهوءَ جي ذهن تي ڪئين سال هڪڙي طبقي جا خيال ۽ سَچ حاوي هجن، پر پوءِ ب سندس سوچ ۾ وري ڦيرو اچي ۽ سندس ذهن تي اُن جي مخالف سوچ يا ٻئي ڪنهن طبقي جا خيال ڇانئجي وڃن. اُهي دشمن طبقن جا خيال عوام مان زبردست ۽ ڏکي ويڙھ کان پوءِ ئي ڪمزور ڪري سگهجن ٿا. انهن کي بنھ تڙي ڪڍڻ ۽ سندن پاڙون پَٽي ڇڏڻ لاءِ ته سڄيءَ عمر جي لاڳيتي جدوجهد درڪار آهي. تنهن کان سواءِ عوام جي فائدي وارن، پراڻن خيالن ۽ نَون خيالن جي وچ ۾ صحيح خيالن ۽ غلط خيالن جي وچ ۾ فرق ۽ تَڪر ٿئي ٿو. دشمن طبقن جي خيالن ۽ پراڻن خيالن کي ڪڍي؛ سندن جاءِ تي عوام – دوست صحيح ۽ نَون خيالن کي رائج ڪرڻ لاءِ ب نظرياتي بحث

مباحثو ۽ ڇڪتاڻ لازمي آهي. تنهن کان سواءِ اسانجا قومي، طبقاتي ۽ سامراجي دشمن آهن، جي هر وقت اُن تاڙ ۾ رهن ٿا ته ڪيئن هِن تنظيم جو تختو اونڌو ڪريون. اُن لاءِ به لازمي آهي ته پنهنجي قومي سماج جو طبقاتي تجزيو ڪجي. تحريڪن ۽ تنظيمن جي پلائي، مضبوطي ۽ ترقيءَ لاءِ اُن قسم جي تجزئي جي اهميت ۽ ضرورت اسان کي مارڪس کان ورثي طور ملي ٿي، جيڪا مارڪس، سينٽ سائمن جي ٿيورين ۽ يوٽوپيائي سوشلزم مان سمجهي. ان کي فرينچ تاريخدانن، خاص ڪري ايڊولف ٿاير (Edolf Thigher) ۽ فرينڪوز گزاٽ(Francoze gzot) 1789ع ۾، فرينچ انقلاب جي تاريخ لکندي ڄاڻايو آهي. پر اُن کي جيڪا اهميت مارڪس ڏني سا اڳين ۾ ڏسڻ ۾ نٿي اچي، ايتري حد تائين جو مارڪس کي چوڻو پيو ته ”موجوده انسانذات جي هر قسم جي تاريخ ان جي طبقاتي ڇڪتاڻ جي تاريخ آهي.“ مارڪس جو چوڻ آهي ته يورپي صنعتي دؤر جي سرمائيداري نظام ۾ وڏا ۽ مکيه ٻه طبقا آهن. باقي ٻيا طبقا انهن جي پيٽ ۾ ايترا طاقتور ۽ پائيدار نه آهن. انهن ٻن طبقن جي فردن جي پاڻ ۾ ڪا به فردي ڪاوڙ يا مخالفت ڪانه آهي. پر انهن جا مجموعي طبقاتي مفاد پاڻ ۾ ٽڪرائجن ٿا ۽ اُهو ٽڪراءُ هڪ جنگي ڇڪتاڻ جي صورت اختيار ڪري ٿو، جنهنجي نتيجي ۾ پيداواري قوتون استحصالي قوتن جي مٿان فاتح ٿين ٿيون.“ اڳتي هلي مارڪس چوي ٿو ته ”ڪنهن طبقاتي مملڪت جي بورزجوازي سماج ۾ موجود طبقا هڪ ٻئي ڏانهن دشمنيءَ وارا لاڙا رکندا آهن. پر اسين چاهيون ٿا ته ان سڄيءَ وارتا جو ڪو اهڙو حَل هجي، جنهن رستي گروهي مفاد حَل ٿي تڏهين ٿين، جڏهن مجموعي مفاد جو حل ڪجي يعني – سوشلزم رستي.“

لينن جي صحيح ڪميونسٽ پارٽي بالشويڪس ۽ روس جي پاپولسٽس (جن ۾ پليخانوف به اچي وڃي ٿو) ۾ پڻ مکيه فرق اهو ڏسڻ ۾ ايندو ته لينن طرفان ان وقت جي روسي سماج جو تجزيو صحيح ڏسڻ ۾ ايندو. جڏهن ته پاپولسٽس طرفان ڪيل اُن وقت جي روسي سماج جو تجزيو صحيح نظر نه ايندو، جنهن جي نتيجي طور پاپولسٽس پنهنجو وجود عمل رستي مڃائي نه سگهيا. جڏهن ته لينن نه رڳو پنهنجي پارٽيءَ جو وجود تسليم ڪرائي سگهيو، پر اُن کي فتحياب پڻ بڻائي ڏيکاريو. اُن قسم جي تجزئي جي اهميت، افاديت ۽ ضرورت، جهڙن چٽن لفظن ۾ مائوءَ بيان ڪئي آهي، سا بلڪل رهنمائي ڪندڙ آهي، چئي ٿو ته، ”جيڪڏهن قومي تحريڪ دوران پارٽي پنهنجي قومي سماج ۾ موجود طبقاتي سوچن ۽ لاڙن کان باخبر نه هوندي ۽ انقلاب دشمن، بچڙن ماڻهن ۽ هر قسم جي جِنن ديون کي منهن ڪڍڻ جي اجازت ڏني ويئي. اسان جا ڪارڪن انهن سيني ڳالهين تي مات

ڪري ويهي رهيا، ڪيترائي ڪارڪن دشمن ۽ اسان ۾ فرق بہ وِساري ويٺا، دشمن جا ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي پيا ۽ دشمن ڪين، ڪاري، چڙوچڙ ۽ ٻاڙي ڪري ڇڏيو: جيڪڏهن اسان جا ڪارڪن چِڪي ٻاهر ڪڍيا ويا يا جيڪڏهن دشمن يا ان جو دلال اسان جي صِفن ۾ گهڙي اچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ اسان جا ڪيترائي مزدور، هاري ۽ دانشور دشمن جي نرم ۽ سخت اٽڪل آڏو بي وس ٿي ويا تہ اهڙي حالت ۾ گهڻو وقت نہ لڳندو جڏهن ..... مارڪسي ليننِي پارٽي بلاشڪ هڪ ترميم پسند پارٽيءَ ۾ تبديل ٿي ويندي." هونءَ بہ انقلابي سائنس جو مکيہ اصول آهي تہ "دشمن کي سڃاڻي ۽ پنهنجو پاڻ کي سڃاڻو تہ توهان شڪست جي خطري کان بي پرواهہ ٿي سوين جنگيون وڙهي سگهو ٿا" يا "ٻنهي طرفن جي ڄاڻندئو تہ توهان کي روشني ملندي، صرف هڪ طرف جي ڄاڻندئو تہ اونداهيءَ ۾ رهندئو."

جيئن مختلف حالتن آهر مکيہ تضاد مختلف ٿين ٿا تہ اُنهن جي حَل لاءِ ساٿي ۽ مددگار بہ مختلف ٿيندا رهن ٿا. ان لاءِ اهو لازمي آهي تہ مکيہ تضاد کي نظر ۾ رکي ۽ سماجي طبقن جو تجزيو ڪيو وڃي ۽ انهن جي نفسيات، مزاجن ۽ مفادن جي حوالي سان اهو طئہ ڪيو وڃي تہ هنن مخصوص حالتن تحت بنيل هن مکيہ تضاد جي حَل لاءِ سنڌي سماج جي هنن طبقن (جن جي نفسيات ۽ مزاج بہ بيان ڪيل آهي) مان ڪير اسان جا ساٿي ۽ همدرد ٿي سگهن ٿا، تہ جيئن سندن ڪردار آهر ساڻن رويو رکيو وڃي. ان قسم جي تجزئي جي ڪافي وقت کان اسان جي ڪارڪنن طرفان زوردار تقاضا ڪئي پئي وئي آهي. اُن کي نظر ۾ رکندي ان قسم جو، "سنڌي سماج جو طبقاتي جائزو" جي عنوان سان، اسان جي قوم جي مختلف عنصرن جو اقتصادي پس منظر ۾ طبقاتي جائزو پيش ڪيو پيو وڃي، جنهن ۾ انتهائي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ اُن قسم جي تجزين جي تاجي پيٽي ۾ جيڪي ڪجھ ڏيڻ کپي سو ڏنو وڃي. بهرحال اهو اسان جي پڙهندڙ دوستن، ساٿين ۽ ڪارڪنن جو فرض آهي تہ ان مواد کي ڳُوڙهائيءَ سان پڙهن، سنڌي سماج ۾ وڃي انهن طبقن کي اکين سان ڏِسن ۽ عملي طور تي پرک ڪن تہ انهن سان هن تجزئي ۾ ڪيترو نباهہ ڪيو ويو آهي.

ميجون ٿا تہ ڪي فارمولائي ۽ لڪير جا فقير انقلابي دوست اهو ضرور محسوس ڪندا تہ هي نوان طبقاتي فرق ۽ ماڳهين نوان طبقا ڪِٿان آيا. پر جيڪڏهن هو ٿڌيءَ دل سان مارڪسي فلسفي جو حالتن آهر اطلاق ڪرڻ ۽ پنهنجي مخصوص حالتن آهر انجي تشريح ۽ عمل ڪرڻ جا خواهان ۽ صحيح ترقي پسند ۽ انقلابي ساٿي هوندا تہ انهن جو فرض ٿيندو تہ عمليءَ طور تي وڃي ۽ ان تجزئي ۾

ڌنل طبقن ۽ انهن جي تجزئي مطابق انهن جو عملي مطالعو ڪن- ان هوندي به جيڪڏهن ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي سگهي ته اُن جي وضاحت پڇي سگهن ٿا ۽ ان جي اجان به سليس ۽ وسيع ڪرڻ لاءِ ڪي تعميري تنقيدي رايا ڏئي رهنمائي پڻ ڪري سگهن ٿا.

سنڌ بنيادي طرح هڪ زرعي ملڪ آهي ۽ هن ويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ واري دؤر ۾ به هتي جو پيداواري طريقو جاگيرداراڻو آهي- اُهو هن معنيٰ ۾ ته هتي جيتوڻيڪ زراعت ۾ ڪي قدر مشين آئي آهي ۽ جن علائقن ۾ ڪيلو ۽ ڪمند پيدا ٿئي ٿو، اُتي ڏهاڙيءَ تي مزدور ڪم ڪن ٿا پر اُن سڀ ڪجهه هوندي به هاريءَ جو وجود سراسري طور موجود آهي. بٽائيءَ وارو طريقو ئي 'معاوضي جو واحد طريقو ' چالو آهي. مشين هاريءَ ڪي وڏي پئماني تي بي دخل نه ڪيو آهي ۽ نه وري ٽريڪٽر ۽ ٿريشر اچڻ سان بنيءَ تي ڪم ڪندڙ هاريءَ جي اهميت ئي گهٽجي سگهي آهي، سموريءَ سنڌ ۾ جاگيرداري دؤر جا قدر- پنهنجي اوُج ۽ عروج تي بي رحماني طريقي سان برقرار آهن. جيڪو ٿورو گهڻو زرعي مزدور آهي، سو ڪُل وقتي نه آهي، پر موسمي آهي ۽ اُن ۾ جيڪي خصوصيتون ۽ خاصيتون آهن، سندس سوچ ۽ فِڪر جا جيڪي لاڙا آهن، اُهي هڪ صنعتي پورهيت بدران ٻج هاريءَ وارا آهن. سنڌ جي اندرين علائقن ۾ بيروزگاري پيدا ٿيڻ سان جيڪي بيروزگار شهرن جو رُخ اختيار ڪن ٿا، تن کي ڪارخانن ۾ داخل ٿيڻ جا تمام گهٽ ۽ بنهه نه جهڙا موقعا ملن ٿا، نتيجي طور اهي بيروزگار ڏوهاري بڻجن ٿا يا ڏيساور موڪليندڙ ايجنسين جي وَر چڙهن ٿا، جيڪي وچ اوڀر جي ڪِن ملڪن ۾ انتهائي ذلت واري زندگي گذارڻ کان پوءِ ڪجهه مُوڙي ڪمائي واپس اچن ٿا، ته اُها مُوڙي دڪانداري يا ڪنهن ننڍڙي ڪارخاني ۾ گڏيل سيڙپ واري رِٿا مطابق سيڙائڻ بدران وري زمين ٽڪري خريد ڪرڻ ۾ خرچ ڪن ٿا. وڏي ڳالهه هيءَ آهي ته زراعت ۾ صنعت اچڻ سان زمين جي قيمت ۽ اهميت وڌي ويندي آهي ۽ اُها پيداوار يا خرچ واري نقطي نظر سان صنعتي يونٽ جي حيثيت اختيار ڪري ويندي آهي. پر هتي سنڌ ۾ اسان ڏسون ٿا ته سواءِ هڪ ٻن ضلعن جي باقي سموري سنڌ ۾ زرعي زمين جي قيمت ڪا خاص ڪانه وَڌي آهي، البت ڪِن جاين تي اها بنهه گهٽجي وئي آهي.

سنڌ ۾ جاگيردارانه زراعت جا سمورا اخلاقي ۽ تهذيبي قدر موجود آهن- مثال طور: پَٽ پوت، شاديون غميون، ڪُڪڙن، ڪتن، ۽ رِڇن جون ويڙهيون، ڏاندن جو گوبون، اوطاقون ۽ اوتارا، شادين ۽ غمين جا ساٽ سوڻ، سڀ جاگيردارانه سماجي نظام جي پيداوار آهن. هاڻي جڏهن اسان

اهو معلوم ڪري ورتو آهي ته اسان جو سماجي سرشتو سموري جو سمورو جاگيردارانه طريقئه پيداوار تي ٻڌل آهي ته پوءِ اسان کي اهو ڏسڻو پوندو ته سنڌي سماج جا اهم تشڪيلي جزا ۽ ترڪيبي ڀاڱا ڪهڙا آهن ۽ انهن جي هن سنڌي سماج ۾ ڪهڙي حيثيت ۽ اهميت آهي؟ اهي ڪيتري قدر قوت ۽ طاقت رکن ٿا ۽ ڪيترا سماجي تبديلي ۽ قوم کي آزاديءَ جي عمل ۾ ڪارائتا ۽ اثرائتا ثابت ٿي سگهن ٿا يا واقعي اُهي بيڪار آهن.

جيستائين اسان سمجهي سگهيا آهيون ته سنڌي سماج جا تشڪيلي جزا ۽ ترڪيبي جُزا هي آهن.

زميندار:

زميندار، هر اُنهيءَ ماڻهوءَ کي چئي سگهجي ٿو جيڪو هڪ سؤ ايڪڙ زرعي زمين کان مٿي زمين پنهنجي قبضي ۾ رکي ٿو. سنڌي سماج جي هن حصي کي سنڌي سماج ۾ تاريخ جي هڪ ڊگهي عرصي کان وٺي خاص اهميت ۽ بالادستي حاصل رهي آهي. سنڌ جي سموري سياسي، اقتصادي ۽ معاشي طاقت هن گروهه پنهنجي مرضيءَ ۽ منشا موجب پئي استعمال ڪئي آهي. هي طبقو انگريزن پنهنجي مفاد لاءِ ”مالڪاڻا حَق“ ڏيئي پيدا ڪيو ۽ پوءِ پنهنجي سرشتي ۾ هِن طبقي کي سموري سنڌي سماج جي ٻَڌي چوڙيءَ جو مالڪ ۽ مختيار بڻايو. نتيجي طور انگريزن جيڪي اميدون ۽ آسرا پنهنجي هن لاڏلي اولاد ۾ رکيا هئا، سي هي طبقو انتهائي صالح ۽ فرمانبردار اولاد وانگر پورا ڪندو آيو. هن کي هر دور ۾ سنڌي سماج تي پنهنجو سياسي، اقتصادي ۽ معاشي غلبو برقرار رکڻ لاءِ سرڪار جي طاقت جي ڇَٽيءَ جي ضرورت پوندي رهي آهي پوءِ اُها سرڪار پنهنجي هجي يا پرائي، ڇو ته سنڌي سماج ۾ ڪنهن به سرڪاري مشنريءَ جي ڇَٽيءَ کان سواءِ هيءُ حقير ۽ ننڍڙو گروهه ڪنهن به صورت ۾ پنهنجو سياسي، اقتصادي ۽ معاشي غلبو برقرار رکي نٿو سگهي. ان ڪري هي طبقو هر دور ۾ هر حڪومت (ديسي توڙي بديسيءَ) جو وفادار چمچو ۽ دلال رهندو پئي رهيو آهي ۽ جبر ۽ ڏاڍ جي قوتن سان گڏجي سنڌي عوام جي ڦرلٽ ۽ سياسي هيٺائيءَ کي هيڪاري زور وٺائيندو پئي رهيو آهي. پر جيئن ته هيءُ طبقو بنيادي طرح سُست، عياش، بي ڍنگو، جاهل ۽ فَني قوتن کان محروم آهي، اُن ڪري هِن نين نين سائنسي ۽ فني قوتن کان ڪم وٺي، سنڌ جي زراعت ۾ ڪو به واڌارو نه ڪيو پر الٽو زمينون وڪڻي، مقاطعن تي ڏيئي، فصل لهڻ کان اڳ فصل ۽ زرعي جنسون وڪڻي پنهنجي عياشيءَ جون ضرورتون پوريون ڪندو رهيو آهي. هيءُ طبقو سنڌي معاشري جي ڪنگاليٽي جو وڏو سبب آهي. هيءُ طبقو نه رڳو سنڌي هاريءَ، پورهيت ۽ ڏنار جي ڦرلٽ ٿو ڪري، پر سماجي طرح سماجي ڏوهن، ڌاڙن، خونريزين ۽ چورين ۾ ملوث آهي ۽ خود ڪرائي ٿو. هيءُ طبقو سرڪاري مشنريءَ جي مقامي شاخن ۾ رشوت، بي ايماني ۽ بدانتظامي پيدا

ڪري انهيءَ مشنريءَ کي پنهنجي مرضيءَ منشا مطابق ٿو هلائي. مقامي سرڪاري مشنريءَ ۾ ڊي سي، ايس پي، ميڊيڪل آفيسر، سرجن ۽ انهن کان هيٺ اي- سي، مختيارڪار، صوبيدار، آرميءَ جا ننڍا آفيسر ۽ پوليس جا ننڍا عملدار اچي وڃن ٿا. جن سڀني جي آڌار تي هو پنهنجو سماجي ۽ سياسي اثر ۽ اقتدار برقرار رکندو آهي. هن طبقي ان کان اڳتي قدم وڌائي ڪڏهن سوچيو به نه آهي. هِن صنعتي ميدان ۾ اڳتي وڌڻ، ڪارخانن لڳائڻ ۽ ٻهراڙيءَ جي عوام کي ڪارخانن سان لاڳو ڪرڻ کان ڄاڻي واڻي لنوايو آهي. ڇو ته هن کي خبر آهي ته هاريءَ تي ڪنٽرول ڪرڻ آسان آهي ۽ مزدور ڪڏهن به سولائيءَ سان قبضي ۾ ڪونه ايندو- اُهو هاري ئي آهي جنهن جي آڌار تي هو آسانيءَ سان پيڙهي به پيڙهي اسيمبلي ۽ وزارت تائين پهچندو رهيو آهي. هڪ پاسي اُها صورتحال آهي ته ٻئي پاسي سنڌ ۾ ٻاهران آيل سرمائيدار، سموري اقتصادي ۽ معاشي وسيلن، واپار، ڪارخانن، ٺيڪن، ڪاٽن، مارڪيٽن ۽ اڏاوتي صنعت جو مالڪ آهي. انهن سڀني ادارن ۾ هو "افرادي قوت" به ٻاهران گهرائي استعمال ڪري ٿو. اُهو سرمائيدار، مارڪيٽن ۽ درآمدي- برآمدي واپار تي قبضي وسيلي سنڌ جي زرعي جنس جي قيمت به مقرر ڪري ٿو ۽ پنهنجي مرضيءَ مطابق پاڻي به موجود ڪري ڏئي ٿو، ۽ وري تيار مال، پاڻ، پاڻي ۽ محصول جو اگهه مقرر ڪري ٿو. اهڙي طريقي سان سموري سنڌ جهڙوڪر ٻن ٽن وڏن شهرن لاءِ ڪچو مال پيدا ڪندڙ ۽ تيار مال کپائيندڙ منڊي (مارڪيٽ) آهي- ۽ زميندار جا مفاد، اتي اچي سرمائيدار جي مفاد سان ٽڪر کائين ٿا، پر زميندار يا جاگيردار ۾ نه اُهو شعور آهي نه اُها همٿ ۽ رِٿابندي، جنهن جي ذريعي هو پنهنجي مفادن لاءِ پاڻ کان طاقتور ڌُر سان مُهاڏو اٽڪائي ۽ کيس شڪست ڏئي پنهنجو ڏاڪو ڄمائي. اهوئي سبب آهي جو هو سرمائيدار جي اڳيان آڻ مڃي ويٺو آهي. هونءَ به جاگيردارانه اخلاقيات ۾ اُها ڳالهه داخل آهي ته اُنهيءَ اخلاقي قدر وارا ماڻهو، پاڻ کان ڪمزور جي مقابلي ۾ متحد هوندا آهن، پر پاڻ کان بالاتر ۽ سگهاري طاقت جي مقابلي ۾ ٻَڌي ڪرڻ بدران هڪ ٻئي جي خلاف سازشون ڪندا آهن، ۽ هڪ ٻئي کي مارائڻ ۾ پنهنجي پراڻن ويرن، ڪِينن ۽ دشمنين جي تسڪين محسوس ڪندا آهن. برصغير تي انگريزي قبضي وقت ديسي راجائن، مهاراجائن، نوابن، والين، سلطانن، ميرن ۽ پيرن جو ڪردار انهيءَ ڳالهه جو ثبوت آهي ته جاگيردارانه اخلاقيات ۾ رٿابندي، گڏيل سوچ ۽ طبقاتي مفادن لاءِ مشترڪ جنگ هِن طبقي کان پڄڻي نه آهي، غير ملڪي سرمائيدار سان سنڌي زميندار جو ٻيو ٽڪر ۽ جنگ آهي سياسي ميدان ۾- سنڌي عوام جي گهڻائي جيئن ته ٻهراڙين ۾ رهي ٿي، ۽ ٻهراڙين تي زميندار جو ڪنٽرول آهي، ان ڪري سنڌ اسيمبليءَ ۾ سنڌي زميندار گهڻائيءَ ۾ پهچيو وڃي ۽ اتي منڊي قانون سازيءَ جو ڪم ۽ اختيار وري به زميندار وٽ رهي ٿو. غير سنڌي سرمائيدار کي اها ڳالهه ڏاڍي ڏکي لڳي ٿي ته هن ويهين صديءَ ۾ شهري بورجوازي ۽ پرولتاري طبقي تي جاگيردار طبقي جي حاڪميت هلندي رهي. ان ڪري غير سنڌي سرمائيدار جي هر ممڪن ڪوشش اها رهندي پئي آئي آهي ته ڪنهن به طريقي سان جاگيردار کي اسيمبليءَ مان ٻي دخل ڪيو وڃي. پاڪستان ۾ فوجي حڪومتن جي اچڻ ۽ چونڊيل حڪومت جي برطرفيءَ جو مکيه سبب اهوئي آهي، خاص ڪري پيپلز پارٽيءَ

جي حڪومت نه ڄڃ جاگيردارانه حڪومت هئي. ان ۾ وزير اعظم ڪان وني پارٽيءَ جي صوبائي صدر تائين سمورا ليڊر، خاص ۽ پڪا پختا زميندار ۽ وڏيرا هئا. اهوئي سبب آهي جو اُنهيءَ حڪومت، ملڪ ۾ سرمائيدارن کي ڪمزور ڪرڻ جي هر ممڪن نموني ڪوشش ڪئي. ان پيٽ ۾ وڏيرا شاهي نه رڳو سماجي طرح مضبوط رهي، پر اُن جي هٿ ۾ مڪمل سياسي ۽ انتظامي طاقت به ڪئي ٿي ويئي. پي- اين- اي (قومي اتحاد) جي تحريڪ ڪهڙي به رنگ ۽ روپ ۾ هئي، ڪٿي سندس نعرا ڪهڙا به هئا، پر حقيقت ۾ اُها جاگيردارن جي حڪومتي بالادستيءَ خلاف سرمائيدارن ۽ نجي سرمائيداريءَ جي بحاليءَ ۽ بالادستيءَ جي ڪوشش هئي. جيڪا هونءَ به ڪامياب ٿيڻي هئي. ڇوته سرمائيداريءَ جي مقابلي ۾ جاگيرداري جٽاءُ ڪري ئي نٿي سگهي. پر هِتي هڪ وڌيڪ عنصر يعني فوجي جرنيلن جي همدردي، سرمائيداريءَ جي بحاليءَ واري جدوجهد سان هئي. نتيجي طور جاگيردارن جي حڪومت ختم ٿي وئي. جاگيرداريءَ جي پيٽ ۾ سرمائيداريءَ جي سوپ موضوعي طرح هڪ ترقي پسند عمل ۽ سماجي اوسر ۾ اڳتي وڌندڙ لهر آهي، پر اُها ان صورت ۾ جڏهن جاگيردار ۽ سرمائيدار هڪ ئي قوم ۽ هڪ ئي لِساني، ثقافتي ۽ تاريخي وحدت سان واسطو رکندا هجن. پر هِتي جيئن نه اِئين نه آهي، اُن ڪري جاگيردارن جي خلاف سرمائيدارن جي هر جدوجهد ۽ هر حملي جو اثر سنئون سِڌو سندس عوام تي پوي ٿو. جنهن ۾ گهڻائي زراعت سان لاڳاپيل آهي. ۽ اِهو نه رڳو معاشي ۽ ثقافتي طرح گهٽ ۽ پوسٽ محسوس ڪري ٿو، پر سياسي طرح به پاڻ کي محڪوم محسوس ڪري ٿو، ڇو ته ڪانئس ووٽ جو حَق به کسيو ويو هوندو آهي. ان ڪري هو سرمائيدارن، زميندارن جي ٽڪر کي هڪ نئين نظر سان ڏسي ٿو. جيئن مٿي چيو ويو آهي ته سرمائيدارن جي هر حملي جو اثر سنڌي عوام تي پوي ٿو، ان ڪري سنڌي عوام، سرمائيدار، (جيڪو لِساني، ثقافتي ۽ تاريخي وحدت جو حصو نه آهي) جي سِپني قدمن کي سنڌي عوام جي خلاف سمجهي، مسئلي جي **"قومي اهميت"** سمجهڻ لڳي ٿو ۽ اُن کي قومي طرح ئي حل ڪرڻ گهري ٿو. ڇو ته هو سمجهي ٿو ته جاگيردار، ايتري عرصي گذرڻ جي باوجود مسئلي کي يا ته قومي رنگ ڏئي نه سگهيو آهي يا جي ڏنو اٿس ته اُن کي **"قومي حَل"** تائين ڪنهن به صورت ۾ وني وڃڻ نٿو چاهي، ڇو ته "قومي حل" واري صورت ۾ جاگيردار مٿان بچاءَ ۽ تحفظ واري اُها طاقتور ڇتي نه رهندي جيڪا چارلس نيپيئر ڪان وني جنرل ضياءَ الحق تائين هِن کي تحفظ ڏيندي آئي آهي. تنهن ڪري "قومي مسئلي" کي جاگيردارن جي رحم ڪرم تي ڇڏي نٿو سگهجي. نه وري اُهو مسئلو جاگيردار ۽ سرمائيدار جي ٽڪر تائين (جيڪو صرف قانون ساز- اسيمبليءَ تائين موجود آهي) محدود آهي. پر هي مسئلو ۽ تصادم، هڪ قوم جي خود اختياريءَ واري حق ۽ آزاديءَ سان فيصلن ڪرڻ واري اختيار لاءِ هاجيڪار آهي ۽ "قومي وجود" لاءِ موت ۽ زندگيءَ جي حيثيت رکي ٿو.

وچولو جُزو Middle Class

وچولو طبقو يا مدل ڪلاس، ڪنهن به قوم جو هڪ متحرڪ ۽ باعمل طبقو هوندو آهي، جيڪو سياسي سرگرمين، ثقافتي هلچل ۽ معاشي ميدان ۾ نيون نيون راهون پيدا ڪرڻ ۽ جامد (بيٺل) معاشري کي سلوڻو بڻائڻ لاءِ سدائين متحرڪ رهندو آهي. هن طبقي جي هڪڙي خاص خصوصيت آهي ”نقالي ڪرڻ“ زندگيءَ جي هر شعبي ۾، رهڻي ڪهڻيءَ يا کاڌي پيتي جي شين جي تعميرات جي سلسلي ۾ هو سدائين مٿئين طبقي يا حاڪم قوت ڏانهن واجهائيندو آهي. پر ان سان گڏ اهو طبقو مٿئين طبقي يا حاڪم قوت جي پيٽ ۾ پاڻ کي مايوسين ۽ محرومين جو شڪار وڌيڪ سمجهندو آهي ۽ اُها مايوسي ۽ محرومي ئي هوندي آهي، جيڪا کين سياسي شعور جي لهر، سرگرمي ۽ نظرين ڏانهن ڇڪي کيس سماجي تبديليءَ واري عمل ۾ هڪ حد تائين سرگرم بڻائيندي آهي ۽ اُهو عمل ممڪن آهي ته ”آزاديءَ“ جي حاصلات تي ختم ٿي وڃي.

اسان دنيا جي تاريخ ۾ هاڻوڪي دور جي آزاديءَ جي هلچلن ۾، هندوستان، ڪينيا، صوماليا، زمبابوي، مصر وغيره ۾ انهيءَ طبقي جي سرگرمين، جولانين ۽ سرفروشين جا داستان پڙهي ۽ ڏسي سگهون ٿا. ننڍي کنڊ جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ سنڌ جي وچولي طبقي جي قربانين ۽ ڪوشش جو داستان ڪو گهٽ رنگين ۽ مجاهداڻو نه آهي. اهوئي سبب آهي جو مهاتما گانڌيءَ کي چوڻو پيو ته ”آزاديءَ جي جنگ ۾ سنڌ انهن صوبن مان سر فهرست آهي، جن تي اعتماد ۽ ڀروسو ڪري سگهجي ٿو.“

سنڌ جو اهو وچولو طبقو مذهبي هاڃيڪارين جو شڪار ٿي ويو ڇو ته اهو زياده تر سنڌي هندن تي مشتمل هو ۽ 1947ع جي ورهاڱي کان پوءِ مذهبي نفرت جو شڪار ٿي سنڌ مان هليو ويو. ان جي لڏي وڃڻ کان پوءِ سنڌ جي سرزمين ”متحرڪ وچولي سنڌي طبقي“ کان ذري گهٽ محروم رهجي وئي ۽ اُهو خال اڃان تائين پرجي نه سگهيو آهي. اڄ سنڌ جو وچولو طبقو هِنن جُزن تي مشتمل آهي: پڙهيل لکيل نوڪرين وارا ڪلارڪ، انجنيئر، ڊاڪٽر، ليڪچرار، استاد، اديب، شاگرد، ننڍا دڪاندار ۽ سئو ايڪڙ کان گهٽ زمين جا مالڪ آبادگار- اُهو طبقو يا اُن طبقي ۾ شامل قوتن جو سنئون سڌو ٽڪر ڌارين ماڻهن سان آهي. اهو هِن ڪري جو اهو طبقو پڙهيل لکيل هجڻ، يا معلومات جي وڌيڪ وسيلن هئڻ ۽ ڌارين ماڻهن سان رات ڏينهن لهه وچڙ ۾ رهڻ ڪري، وڌيڪ مايوسين ۽ محرومين جو شڪار آهي، پر انهيءَ مايوسيءَ ۽ محروميءَ جي باوجود وٽس ڪا چِٽي ۽ واضح سياسي سوچ ۽ نظرياتي پڪي پختي سوچيل سمجهيل واٽ نه آهي. جنهن جو نتيجو اُهو آهي جو هيءُ طبقو بلڪل منتشر ۽ ٽڙيل پکڙيل آهي. هن طبقي ۾ موجود مختلف مذهبي گروهن ۾ مذهبي تعصب موجود آهي، جيڪو ڪڏهن ڪڏهن فسادن جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو رهي ٿو. وچولي طبقي جو هندو مذهب سان واسطو رکندڙ عنصر، حڪومتي ادارن جي جبر جي خوف ۾ مبتلا آهي ۽ کيس ڊپ آهي ته وري 1947ع جهڙيون حالتون نه پيدا ٿي پون ۽ کيس سنڌ جا وڻ نه ڇڏڻا پون. مسلمان مذهب سان واسطو رکندڙ، وچئين طبقي جي نقاليءَ واري عياشيءَ ۾ گرفتار، عوام ڏانهن حقارت وارو رويو رکندڙ ذهنيت جي ڪري عوام سان لاڳاپو پيدا ڪري نه سگهيا آهن. هتي عوام سان لاڳاپن پيدا ڪرڻ ۾ وچولي طبقي جي خاص ”اَنا“ رڪاوٽ بڻيل آهي. ان

ڪري اڄ ڏينهن تائين انهيءَ طبقي سماجي تبديليءَ لاءِ ڪا مجاهدانه واٽ ونڻ بدران آسانيءَ واري آسان قومي خدمت جي واٽ ورتي آهي. ٻهراڙيءَ جو آبادگار، شهري دڪاندار ۽ پڙهيل لکيل حصي کان ڪٽيل آهي. هو پنهنجي زمين ٽڪري جي آڌر تي پاڻ کي هارين ۽ عام پورهيتن کان مٿي سجهي ٿو. واهڻڪي ذهنيت سبب ”شهري بابو“ ۽ دڪاندار جي سامهون پاڻ کي گهٽ علم ۽ عقل جو مالڪ محسوس ڪري، هنن سان رلي ملي نٿو سگهي. انهيءَ جو ٽڪر وري ڳڙنگ زميندار سان پاڻيءَ جي مسئلي تي هوندو آهي. سندس هٿ ۾ گهڻو ڪري درخواست هوندي آهي ۽ ڪورٽن جا چڪر سندس مقدر بڻيل هوندا آهن. ڪورٽن، آفيسن ۽ دڪانن تي ساڻس ٿيندڙ ورتاءَ جي نتيجي ۾ سوچيندو آهي ته انهن جاين تي جيڪڏهن منهنجي ٻولي ڳالهائيندڙ هجن ها ته جيڪر منهنجا پئون ٻارهن ٿي پون ها . ٻهراڙيءَ ۾ اهو حصو، پنهنجي اولاد کي پاڙهڻ ۽ پنهنجي پڙهندڙ اولاد جي آڌار تي خوبصورت خواب ڏسڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ پوءِ جڏهن سندس پڙهيل پٽ آفيسر ٿي نه سگهندو آهي تڏهن سندس ”قومپرستي“ هيڪاري وڌيڪ سخت ۽ جارحانه ٿي ويندي آهي. شاگردن وارو حصو اڄ جي سنڌي سماج ۾ وڌيڪ باشعور، باهمت، ڪنهن حد تائين صحيح سوچ يا صحيح واٽ تي آهي، پر اُهو به وچئين طبقي جي مخصوص بيماريءَ – آءٌ پڻي (انا) ۾ مبتلا آهي ۽ سمجهي ٿو ته سموري قومي مسئلي جو حل مون وٽ آهي. آءٌ اڪيلي سِر پنهنجي بهادريءَ ۽ سرفروشي ۽، ڏاهپ ۽ دانائيءَ سان اُن کي حَل ڪري سگهان ٿو. اها سندس بنيادي غلطي، عام ماڻهن، ٻين تنظيمن ۽ سموري سياسي ماحول ڏانهن سندس لاڙي ۽ رويي کي مقرر ڪري ٿي ته هِن کي عوام تي پروسو نه آهي. کيس سياسي قوتن جي ساٿ تي اعتماد نه آهي ۽ سياسي ماحول کي هِن سنجيدگيءَ سان نه سمجهيو آهي. ان ڪري هن کي عام ماڻهن، ٻين تنظيمن ۽ سياسي ماحول ڏانهن پنهنجي لاڙي ۾ تبديلي پيدا ڪرڻي پوندي.

هيٺيون طبقو:

هاڻي اسان سنڌ ۾ هيٺئين طبقي جي حيثيت، اهميت، قوت ۽ ڪردار تي نظر وجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا .

هيءَ حقيقت آهي ته دنيا جي جن انقلابي رهنمائن پنهنجن پنهنجن ملڪن ۽ سموري دنيا جي تمام وڏي حصي ۾ ڪامياب انقلابن ۽ انقلابي قوتن جي ڪامياب رهنمائي ڪئي آهي، تن سڀني متفق ۽ يڪراءِ تاريخي تجربن ۽ تاريخ جي مادي تعمير جي روشنيءَ ۾ اُها ڳالهه مادي دنيا ۾ سج وانگر روشن ڪري ڇڏي آهي ته انقلابي قوت اصل ۾ هيٺيون طبقو ئي آهي جيڪو پنهنجي سرفروشي ۽ ثابت قدميءَ سان نه رڳو انقلاب برپا ڪري سگهي ٿو پر اُن کي مضبوط ۽ مستحڪم به بڻائي اڳتي وڌائي سموري دنيا ۾ انقلاب جي ڪامياب رهنمائي ڪري سگهي ٿو چو ته اُن طبقي کي ئي غلام سماج ۾ سڀ کان وڌيڪ جبر، ڦرلٽ ۽ ذلت جي اوڙاهن ۾ ڪِرڻو پوي ٿو ۽ اهوئي طبقو آهي جيڪو سماج جي جياپي لاءِ سڀ ڪجهه پيدا ڪرڻ جي باوجود پاڻ، پالهو ۽ سُڃو ٿو

رهي ۽ اُهو جڏهن ويڙهه شروع ڪري ٿو، اُن وقت ڪيس يقين هوندو آهي ته هن جنگ ۾ وٽس هارائڻ لاءِ ڪا به شيءِ ناهي پر کٽڻ لاءِ سمورا رياستي وسيلا ۽ اقتدار آهي- اهو انهيءَ جنگ ۾ وڃائيندو صرف ذلت، بُک، بيروزگاري ۽ پنهنجي نيچ ۽ ڪِين جهڙي حيثيت آهي، اُن ڪري هو وڏيڪ جانداري، بهادري ۽ ثابت قدميءَ سان وڙهي سوڀ حاصل ڪندو آهي ۽ اُن سوڀ کي باقي رکڻ لاءِ ان کان به وڌيڪ جدوجهد ، چوڪس ۽ خبرداريءَ کان ڪم وٺندو آهي ڇو ته اُها عزت، اها سوڀ، اهو وقار ۽ اهو غريب ۽ ذليل ماڻهوءَ جو اقتدار تي قبضو، ڪيس انسان ذات جي سموري لکيل تاريخ ۾ پهريون پيرو حاصل ٿيو هوندو آهي. اُهو تاريخ جي وچهڙائيءَ واري دور ۾ ٿيو آهي ۽ گهڻو ڪري مزدور، پورهيت طبقي جي اڳواٽيءَ ۾ ٿيو آهي.

منهنجي خيال ۾ مزدور جو ترجمو پورهيت صحيح ناهي، پر پوءِ به استعمال ٿي رهيو آهي. ان ڪري مون به استعمال ڪيو آهي. ڇو ته پرولتاريا جو اردو وارن ترجمو ڪيو آهي. مزدور ۽ اهو پرولتاريا هڪ خاص تاريخي دور جي پيداوار آهي، جڏهن ته پورهيت هر دور ۾ رهيو آهي، ۽ انهيءَ پرولتاريا انقلاب جي رهنمائي به گهڻو ڪري صنعتي ملڪن ڪئي آهي. سنڌ جي صورتحال جو جيستائين تعلق آهي ته ان باري ۾ اسان کي ڏسڻو پوندو ته هينئين طبقي ۾ سماج جا ڪهڙا جزا شامل آهن ۽ اُهي هن خطي ۾ ڪيتري قدر انقلابي، آزاديءَ جي جنگ ۾ مؤثر ۽ فيصلو ڪن ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. منهنجي خيال ۾ سنڌ اندر هينئين يا پڇڙيل طبقي ۾ هيٺيان جُزا شامل آهن.

مزدور: (1) پاڪستان جي سموري صنعتي ڍانچي جو گهڻو ڪري 75 سيڪڙو حصو سنڌ ۾ آهي، جنهن ۾ لکين مزدور ڪم ڪن ٿا. انقلاب جي ڪلاسيڪل ٿيوريءَ مطابق اهو ايڏو مؤثر حصو آهي ۽ ايڏي وڏي طاقتور افرادي ۽ انقلابي قوت آهي، جيڪا سنڌ جي انقلاب کي تمام تيزي، ڦڙتائي ۽ ڏاهپ سان نه صرف پنهنجي منزل تي پهچائي سگهي ٿي پر ان کي مضبوط ۽ مستحڪم به بڻائي سگهي ٿي ۽ اسان لئي رئان جي لفظن ۾ ڏاڍا خوش قسمت هجون جو اسانجي انقلاب جي شروعات ۾ ئي پرولتاريا موجود هجي. پر ايڏي وڏي مزدورن جي تعداد جي باوجود اسان وٽ نامين وانگر خوش قسمت ناهيون ڇو ته هِتي ڪارخانن جو مالڪ به غير سنڌي آهي ته پورهيت جو ايڏو وڏو تعداد به غير قومي ۽ بديسي آهي، جيڪو سنڌ ۾ صرف معاشي مفادن جي ڦرلٽ ۾ سرمائيدار سان ڀاڱي ڀائيوار ٿيو وٺو آهي، جنهن کي سنڌ جي سياسي جدوجهد يا قومي آزاديءَ سان نه صرف همدردي ناهي پر الٽو ان سان دشمني آهي- اهو سنڌ جي ڪارخاني جو پاڻ مالڪ ٿيڻ ته چاهي ٿو پر اُهو ڪارخانو بديسي سرمائيدار کان ڦري مقامي مزدور جي قبضي ۽ ڪنٽرول ۾ ڏيڻ لاءِ قطعي تيار ڪونهي. ڪارخاني جو قبضو سنڌي مزدور جي حوالي ڪرڻ ته تمام پري جي ڳالهه آهي پر اهو سنڌي مزدور کي ڪارخاني ۾ روزگار ڏيارڻ لاءِ تيار ناهي. بندرگاهن وغيره تي جن کي (غير سنڌين) پڪيون نوڪريون آهن، سي جڏهن وڌيڪ ڪمائيءَ لاءِ عرب عمارتن ڏانهن وڃن ٿا تڏهن پنهنجون نوڪريون به بديسي ماڻهن کي گهرائي انهن کي نيڪن تي ڏيو وڃن ٿا ، جن مان پنهنجو حصو پتي دبئي ۽ قطر ۾ ويهي کٽندا رهن ٿا. انهن مزدورن مان اُها

توقع ۽ اُميد قطعي رکي نٿي سگهجي ته اهي ڪي سنڌ جي آزادي واري انقلاب جي جدوجهد ۾ هٿ ونڊائي به سگهن ٿا. دنيا جي تاريخ ۾ جن به ملڪن ۾ آزاديءَ جون جنگيون وڙهيون ويون آهن تن ۾ هڪ ته ايڏي وڏي تعداد ۾ غير ملڪي مزدور موجود ئي ڪين هو پر جيڪو به هو تنهن پنهنجي هم قوم قابض ٽولي جو ساٿ ڏنو آهي. آزاديءَ جي مجاهدن جي خلاف نهندڙ رضاڪار فورسز ۾ پرتيءَ ٿي آزاديءَ جي تحريڪن جي خلاف وڙهيا آهن، پوءِ اها ويڙهه ويٽ نام ۾ هلي هجي يا الجزائر ۾، گني بسائو ۾ هجي يا بنگلا ديش ۾. ان ڪري انهيءَ ڌارئي مزدور کي آزاديءَ جي جنگ جي قوتن ۾ شمار ڪري نه ٿو سگهجي. باقي سنڌي مزدور جيڪو ڪارخانن ۾ باقائدي ڪم ڪندو هجي سو اٽي ۾ لوڻ برابر آهي ۽ اُن حيثيت ۾ ئي نه آهي جو آزاديءَ جي جنگ ۾ صحيح نظرياتي تنظيمي سوچ جي جهنڊي کي کڻي ڪو رهنمائيءَ وارو مؤثر ڪردار ادا ڪري سگهي. اهو ان ڪري نه ته ڪو سنڌي مزدور ۾ اُها صلاحيت نه آهي يا هو اصلي ڪمزور ۽ نِبل آهي پر ڳالهه آهي معروضي حالتن جي. معروضي حالتون اهڙي موڙ تي پهچي چڪيون آهن، جو سنڌي مزدور انهي تعداد، قوت ۽ شعور کي حاصل ڪري ئي نٿو سگهي ۽ جيستائين اهي معروضي حالتون موجود آهن اُن وقت تائين اها حالت برقرار رهندي. سنڌ ۾ صنعتي مزدور صرف اُن صورت ۾ انقلابي قوت ۽ پوزيشن اختيار ڪري سگهي ٿو جڏهن اهي معروضي حالتون تبديل ٿين ۽ اُهي ان وقت تبديل ٿينديون جڏهن غير ملڪي مزدور جي جاءِ سنڌي مزدور وٺندو ۽ اهو ان وقت ٿيندو جڏهن غير ملڪي ۽ غير قومي قبضو ختم ٿيندو. هن وقت سنڌي مزدور پنهنجي تعداد قوت ۽ حيثيت آهر صرف مددي طاقت سان به ڪنهن حد تائين ثابت ٿي سگهي ٿو.

(2) سنڌ ۾ مزدورن جو هڪ ٻيو به قِسم آهي، اهو آهي موسمي يا سيزنل. جيڪو ڪپهه ڇاٽڻ جي ڪارخانن، شگر ملن، بيوريج ملز، سارين جي سيلرن ۽ برف جي ننڍڙن ڪارخانن ۾ ڪم ڪري ٿو. اهو صرف هڪ موسم ۾ اچي ٿو ۽ بنا ڪنهن تنظيم، جماعت يا حَق طلبيءَ جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪري وري پنهنجي ماڳ تي موٽي وڃي ٿو. اهي ادارا هڪ ته تمام ننڍڙا هوندا آهن جن ۾ وڏ ۾ وڏ جيڪڏهن ڪنهن ڪارخاني ۾ مزدور هوندا ته هڪ سؤ جي لڳ ڀڳ مس ٿيندا، ٻيو ته انهن ۾ ڪم ڪندڙ مزدور انهن سڀني سهولتن ۽ ذريعن کان محروم هوندا آهن جيڪي جديد صنعتي مزدور کي حاصل آهن. ان ڪري انهن جي بنيادي سوچ ۽ سمجهه اُها ساڳي ٻهراڙيءَ واري هاري جي هوندي آهي ۽ ٿوري تعداد ۾ هئڻ ڪري منجهن پيش قدميءَ وارو جذبو بنهه نه هئڻ برابر هوندو آهي. پر پوءِ به انهن ۾ صنعتي مزدور جي پيٽ ۾ احساس محرومي وڌيڪ هوندي آهي. چو ته اهي سال جو ڪافي حصو بيروزگار رهن ٿا. جڏهن ته وڏي صنعتي ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ سنڌي مزدور ۾ ڌارئي مزدور، انتظاميا ۽ ڌارين رياستي مشنري جي موجودگيءَ ڪري نيشنلزم جو جذبو سوشلزم کان وڌيڪ هوندو آهي پر اُهو نيشنلزم ايترو پڪو پختو نه هوندو آهي جيڪو آزاديءَ جو جهنڊو کڻڻ لاءِ مجبور ڪري. اهو ان ڪري به جو اڄ جي صنعتي دور هاريءَ جي رَت سَت مان صنعتي مزدور کي ڪافي رعايتون ڏنيون آهن. علاج جون سهولتون، رهائش جي آسائش، تعليم جو انتظام، معزور ٿيڻ جي حالت ۾ معاوضو،

رٽائرمينٽ جي حالت ۾ پينشن، مرڻ جي حالت ۾ عيوضو. اهي سڀ اهڙيون رعايتون آهن جن اجوڪي مزدورن کي ذري گهٽ مصلحت پسند بڻائي وڌو آهي ۽ انقلابي هلچل يا آزادي جي تحريڪ ۾ گهٽ حصو وٺن ٿا. انهي ابتڙ سيزنل مزدور کي انهن رعايتن مان ڪابہ رعايت حاصل نہ آهي. ان ڪري انهيءَ ۾ وڌيڪ پڪي ۽ پختي قوم پرستي جي لاڙن پيدا ٿيڻ جا امڪان آهن. پر پوءِ بہ اهو ايتري ٿوري تعداد ۾ آهي جو ان تي پورو دارو مدار رکي نٿو سگهجي. البتہ انهي قوت پوري قومي تحريڪ لاءِ اثرائتي ٿي سگهي ٿي.

(3) هاري: سنڌي قوم جي گهڻائيءَ وارو حصو آهي، سموري غلام دنيا جي هارين وانگر سنڌي هاري هن دنيا جو معاشي توڙي ثقافتي ۽ سياسي طرح غير منظم پس مانده ۽ ڪِرِيل حصو آهي. اهو گهڻو ڪري سنڌي ٻهراڙيءَ جي معاشي، سياسي، ثقافتي ۽ روحاني زندگيءَ جي انتهائي ڪهڪائيندڙ حالت جي متحرڪ تصوير آهي. سموري سنڌ جي سخت ۽ شديد ذلت آميز ۽ ڪراهت جوڳي غلاميءَ جو جيڪڏهن مشاهدو ڪرڻو آهي تہ اهو سنڌي هاريءَ کي ڏسي ڪري سگهجي ٿو. انهيءَ هاريءَ جا بہ ڪيترائي قسم آهن، جن مان مکيہ ہہ آهن.

(الف) سرڙيو هاري: هي اُهو هاري آهي جنهن کي پنهنجي ڪابہ شيءِ نہ هوندي آهي. ڏاندن جو جوڙو، هلت، زمين وغيره سڀ زميندار جا هوندا آهن. هاري زميندار کان پنج يا ڏهہ هزار قرض کڻي وڏيري جي زمين تي اُن جي ڏاندن ۽ هلت ٻج پاڻ وغيره جي ذريعي صرف پنهنجي محنت خرچ ڪندو آهي ۽ سال جي پڇاڙيءَ تي پيدائش جي چوٿين حصي جو مالڪ ٿيندو آهي. ڪيس جيئن تہ محنت ڪرڻ (پوکڻ) لاءِ محدود زمين جو ٽُڪرو ڏنو ويندو آهي، ان ڪري سنڌس ملڪيت وارو چوٿون حصو جيڪو تمام ٿورو ٿيندو آهي سو بہ وڏيرو قرض ۾ کڻي ويندو آهي ۽ حساب ڪتاب کان پوءِ خبر پوندي آهي تہ هاري جيڪڏهن پنج هزار قرض کنيو آهي تہ سال پوري ٿيڻ تي اهو ڏهہ هزار تي چڪو هوندو آهي. جيڪا زمين هو پوکيندو آهي ان تي سندس ڪوبہ قانوني حق نہ هوندو آهي. خسري وغيره ۾ هڪ خاني ۾ بہ سندس نالو نہ هوندو آهي. ان ڪري وڏيرو جنهن وقت چاهي اُن کي بنيءَ تان بي دخل ڪري سگهي ٿو. پر عام طور وڏيرا قرضي هارين کي بي دخل ناهن ڪندا، پر سندن قرض ۾ پين وڏيرن وٽ وڪرو ڪندا آهن ۽ اُهي نوان وڏيرا قيدين وانگر پڇي وجڻ جي ڊپ کان هارين کي ڪِنِ جاين تي رات جو زنجيرن ۾ ٻڌي قابو ڪندا آهن. ان کان سواءِ قرض کڻي ٻيهندو تہ هڪ هاري آهي پر زميندار وٽ گروي پورو خاندان هوندو آهي. ننڍڙي ٻار کان وٺي مرد عورتون سڀ ان زمين ٽُڪري تي محنت ڪندا آهن پوءِ بہ ڪين هڙ حاصل ڪجهہ نہ ٿيندو آهي. جيڪڏهن سندس سالياني پيدائش جو سراسري ڪاٿو لڳايو وڃي تہ في ماڻهو چار آنا روزانو جي حساب سان سندن تاريخ ڪانہ ٿي ڇُٽي. ڪيترن ڪاغذي قانونن ۽ مارشل لا ضابطن جي جاري ٿيڻ جي باوجود اڄ سوڌو هاري پاڻ، ٻج، چيز ۽ وڏيرن جو گهرو ڪم ڪار لازمي طرح ڪن ٿا. بي صورت ۾ مٿن ڳرا ڏنڊ ۽ چٽيون وڌيون ويندڀون آهن. ان سڀ جي باوجود هاريءَ جي زندگي، صحت ۽ عزت نفس لاءِ ڪو قانون ناهي. سندس ڪم جو وقت مقرر نہ آهي. اُهو گهر جي سمورن ڀاتين سميت رات ڏينهن جا چوويهہ ئي ڪلاڪ ڪم ڪندو آهي، مرڻ، بيمار ٿيڻ، معزور ٿيڻ، نانگن ۽ بلائن کان ڏنگجڻ واري

صورت ۾ پاڪستان جي سرڪار هاريءَ جي معاملي ۾ اِئين بي پرواھ آهي جيئن رنڊي بستري تان گراهڪ اُٿارڻ ڪان پوءِ بي پرواھ ٿي ويندي آهي.

اهڙين حالتن سنڌ جي هاريءَ کي زندگيءَ جي ولولي ۽ ڪنهن رومان انگيز مستقبل جي خواب ڏِسڻ ڪان قطعي محروم ڪري ڇڏيو آهيءَ سنڌ جو اهو ڪنڌار ۽ ڪونڌر شهپريل ڳوٺاڻو توهان کي صرف ڪتابن ۽ تاريخي ناولن ۾ نظر ايندو باقي زندگيءَ ۾ سنڌ جو اهو تاريخي هيرو زندگيءَ جي چمڪ دمڪ ۽ رونق ڪان خالي، بيمار ۽ احساس ڪمتريءَ جو شڪار- جنسي مريض ۽ نشي جو عادي نظر ايندو. سنڌ جي انهيءَ هاري جي حالت اج اُها آهي جيڪا گانڌي فلم ۾ چنپارن جي هارين جي نظر اچي ٿي يا شڪاگو جي تاريخي جدوجهد ڪان اڳ ڪارخاني جي مزدور جي هوندي هئي.

"ب" پنهنجي جوڙي ۽ هلت وارو هاري بہ سنڌ ۾ عام جام آهي. اهو پنهنجي جوڙي هلت اڌ پاڻ ٻج جي عيوضي ڪنهن زميندار ڪان ٻنيءَ ٽُڪر وني آباد ڪندو آهي. سنڌ جا خاص ڪري اهي ضلعا جتي زميندار ي نظام جو ڳاٽو پوري قوت سان گهمندو ٿو رهي، اُتي اهو هاري بہ ساڳين اُنهن حالتن جو شڪار آهي جن جو شڪار سرڙيو هاري آهي. جيڪا زمين هو پوکي ٿو تنهن تي هِن کي ڪوبہ قانوني حَق نہ آهي سواءِ انجي تہ ڪاغذي طرح هو پيدائش جي اڌ جو مالڪ آهي. پر پيدائش جو اهو اڌ بہ دوائن، پاڻ، ٻج، ٽريڪٽر جي کڙ ۽ ٿريشر جي ڳاهـ ۽ وائر جي بلن جي حوالي ٿي ويندو آهي. عام طور نسبتي طرح انجي سطح ڪجھ مٿاهين هوندي آهي ان ڪري وڏيرا اهڙي هاريءَ کي زمين ٽُڪر ڏيڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيندا آهن يا اهڙا ور وڪڙ ڏيندا آهن جو هو وڏيري وٽ محتاج هوندو آهي. ان ڪري تاريخي طرح سنڌ جي معروضي حالتن ۾ هاريءَ ۾ پنهنجي حالت جي تبديليءَ لاءِ بغاوت جا عنصر موجود آهن. پر جيئن تہ هاريءَ جي جيڪا بنيادي ڪمزوري آهي يعني ڇڙوڇڙ رهڻ، پري پري هجڻ. اها شيءِ منجهن ٻَڌي ۽ تنظيم جي راھ ۾ رڪاوٽ بڻيل آهي پر پوءِ بہ سنڌ جي وڏي ۾ وڏي انقلابي قوت ۽ آزاديءَ جي سرفروش مجاهد تنظيم هاري ئي ٿي سگهن ٿا. عام طرح چيو اُهو ويندو آهي تہ هاريءَ جو سنئون سِڌو ٽَڪر وڏيري سان آهي ان ڪري هو ڌارئين جي خلاف جدوجهد نہ ڪندو.

اُهو مفروضو اُن ڳالھ تي ٻَڌل آهي تہ اسان هاريءَ کي ان لائق سمجهون ئي نٿا تہ هن جي دوربين اک وڏيرڪي نظام کي ٽيڪو ڏيندڙ ٿنڀن ۽ ٿوڻين کي ڏِسي ئي نہ ٿي. هاريءَ کي نہ صرف وڏيري جي معاشي استحصال جو شڪار ٺيٺو پوي ٿو پر هِن کي زندگي جي هر موڙ تي ذهني ۽ شخصي طرح مجروح ٺيٺو پوي ٿو. شهر جي هر رستي، هر چوراهي، هر ڪورٽ ۽ هر ٿاڻي تي هر بازار ۽ هر دڪان تي هن جي عزت نفس کي مجروح ٺيٺو پوي ٿو. ان ڪان سواءِ سنڌ ۾ جيڪو جاگيردار (مقامي) ۽ سرمائيدار غير قومي جو اقتدار لاءِ ٽَڪر هلي رهيو آهي ان ۾ سنڌ جي وڏيري ۽ نئدي آبادگار هاريءَ جي ذهن کي غير مقامي ماڻهن جي باري ۾ تعليم پنهنجي مطلب لاءِ ڏني آهي.

قومي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ هاريءَ جي مؤثر ڪردار لاءِ هيءَ ڳالھ بہ محرڪ جذبو آهي تہ هن جي وهنوار ذهنيت ۾ مزدور جي پيٽ ۾ ڪوڪلي بين الاقواميت گهٽ هوندي آهي، جنهن ڪري ڪيس عالمي نوعيت جا نعرا هڻندڙ جعلساز جماعتون گهٽ گمراھ ڪري سگهنديون. اهوئي سبب آهي جو فينن جهڙي دانشور کي اُهو مڃڻو پيو تہ قبائلي ۽ نيم قبائلي غلام سماجن ۾ آزاديءَ جي طاقتور فوج هاري آهن نہ ڪي مزدور، جيڪي هن دور ۾ رعايت يافتہ طبقي واري حيثيت اختيار ڪري ويا آهن. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جون هاري تنظيمون جڏهن پنهنجو اصلي دڳ ڇڏي وجي پنجابين ۽ پناهگيرن جون پڇ لٽڪائو بڻيون آهن تہ نہ صرف هارين ۾ پنهنجو اثر وڃائي ويٺيون آهن پر اهي فتحون بہ برقرار رکي نہ سگهيون آهن جيڪي ' سنڌ هاري ڪاميٽي ' پنهنجي مرحوم رهنما جي اڳواڻيءَ ۾ حاصل ڪيون هيون. باقي هڪ ڳالھ آهي تہ هاري اجان تائين وڏيري، مير ۽ پير جي اثر هيٺ آهي ان ڪري سنڌن چوڻ يا تحريڪ ڏيڻ ڪانسواءِ هو ميدان ۾ نہ ايندو، اهو صرف ان صورت ۾ آهي جو قومي آزاديءَ لاءِ ڪا همہ گير طاقتور عوامي سطح جي تحريڪ ۽ تنظيم اجان ڪُليل سياسي ميدان تي نہ آئي آهي ۽ جڏهن بہ اهڙو ڪو مرحلو آيو تہ هارين جي هيءَ اٿاھ قوت ۽ بي پناھ سيلاب هر رڪاوٽ ۽ رنڊڪ کي ڪَک پَن وانگر وهائي ويندو. حالتون بڌائين ٿيون تہ هن خطي جي حڪمران ٽولن جون جاگيردار ۽ سرمائيدار نواز پاليسيون اجان بہ حالتون هارين جي خلاف ڪنديون وينديون ۽ هوڏانهن بيروزگار ٿيندڙ هارين لاءِ ڪارخانن جا دروازا هميشہ بند رهندا. اهڙي صورت ۾ سنڌ جي محب وطن نندي آبادگار ۽ پڙهيل لکيل وچولي ڪلاس جو فرض آهي تہ اهي نہ صرف پنهنجو تاريخي فرض ادا ڪن پر سنڌ جي انهيءَ عظيم انقلابي قوت ۽ آزادي جي جنگ جي سرفروش مجاهد فوج کي منظم ۽ متحرڪ ڪن. هاريءَ کي هڪ ڳالھ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ وڏيرا شاهيءَ جي ديوَ کان سنڌن جان اُن وقت تائين آزاد نہ ٿيندي جيستائين ان طوطي کي چيپاڻي ماريو نہ وڃي جنهن انهيءَ وڏيرا شاهيءَ جو ساھ پيل آهي ۽ اهو طوطو پنجاب آهي جنهن تي آمريڪا سرڪار ۽ ان جي اتحادين جو سخت پهرو آهي. پر دنيا ۾ مشرقي جرمني کان وٺي تلنگانہ تائين اهڙا ڪئين ڪَن قاڙ جوڳي ۽ انقلابي ڏاها موجود آهن جيڪي سنڌ جي انهيءَ هاريءَ کي اهڙا ڏَس پتا ڏيئي سگهن ٿا جن جي ذريعي اُهو طوطو ايترن پهرن هوندي بہ مري سگهي ٿو. هڪ بي ڳالھ بہ سنڌ جي هاريءَ کي سمجهڻ گهرجي تہ دنيا جون اُهي انقلابي خانقاهون ڏس پتا ۽ گُر هن عالمي صورتحال ۾ صرف قومي آزاديءَ جي جنگ وڙهندڙ قوتن کي موجود ڪري ڏين ٿيون. جيئن بنگال ۽ نميبيا وغيره کي. چو تہ محدود پيماني جي طبقاتي ويڙھ ۾ پارٽ ۽ مشرقي يورپي بلاڪ جون پاليسيون هڪ ٻئي سان ٽڪراءَ واريون هونديون نہ هڪ جهڙائيءَ واريون ۽ نہ وري سوويت يونين هن خطي ۾ ڪنهن نئين افغانستان کي جنم ڏيندو، جنهن جي پٺ پرائي پارٽ، يوگوسلاويا ۽ رومانيا جهڙا ملڪ بہ ڪري نہ سگهن. پر نميبيا ۽ فلسطين اهڙيون جنگيون آهن جن تي گهٽي پاڳي انهن سڀني قوتن جون پاليسيون هڪ جهڙيون آهن. چو تہ اهي قومن جي باوقار مانائتي طريقي جي جياپي جون جنگيون آهن، جيڪي عالمي سطح تي سامراج ۽ سامراج نواز قوتن کي عوام جي سامهون اگهاڙو ڪن ٿيون.

(4) ڏنار:- ٿر ۽ ڪوهستان ۾ لکين ماڻهو آهن جن جو گذران مال پالڻ ۽ مال ڌارڻ تي آهي. انهن جي زندگي جديد دنيا جي هر سهوليت کان وانجهيل آهي. انهن جي سموري ملڪيت زندگيءَ جي سموري پونجي اهوئي مال آهي. اتي سواءِ برسات جي موسم جي، نه زمين تي تڪرار آهي نه وڏيري هاريءَ جو تضاد آهي. اُهي اڄ ڏينهن تائين اُن پراسرار ۽ خوشگوار ماضيءَ ۾ گذارين ٿا جنهن ماضيءَ ۾ سنڌن قبيلن جا سردار سنڌ جا حاڪم هئا ۽ سنڌ جي ڌيهه ۾ ڪو به رائر نه هو. سنڌ ساز ۽ سُر جي سر زمين هئي. راڄن ۽ پاڳن سان پاڙا ۽ پڻون آباد هيون. سنڌ جا چانڊاڻا ۽ مانڊاڻا محبت ۽ پيار جي پروڙن سان پرپور هئا. ڪين سواءِ وقتي جنگين جي تڪليف جي، ڪا به تڪليف نه هئي. پر هاڻي آهستي آهستي سنڌن اُهي خواب ٽُٽي رهيا آهن، ڪجهه مال ڌُڪارن جو شڪار ٿيو ۽ باقي پنجابين پناڻن جي ڪڙهائي گوشت جي نظر ٿي رهيو آهي، مهانگائي ۽ ڪيترين بيمارين سبب مال ڪِپي رهيو آهي ۽ اُن ڪري بيروزگاري وڌي رهي آهي. خاص ڪري ٿَر جي علائقي ۾ پاڪستان جي تقدس ۽ بچاءَ جي نالي ۾ پنجاب مان ايندڙ رينجرز فورس ۽ ٻين مختلف ايجنسين، انهن ماڻهن جي لاءِ پُر امن زندگيءَ جا دروازا بند ڪري ڇڏيا آهن. انهن جا نه پنجابي فورسز سان ڇِتا پِٽا تضاد آهن. انهن ڪي سنڌن شاندار ماضي، تاريخ ۽ حب الوطني جي آڌار تي اُٿاري ۽ متحرڪ ڪري سگهجي ٿو. انهيءَ شرط سان نه سنڌن مستقبل محفوظ رهندو ۽ آزاد سنڌ ۾ ڪين متبادل روزگار جا ذريعا موجود ڪري ڏنا ويندا. ڇو نه جيڪا ڪڙهائي گوشت جي رفتار آهي ۽ جنهن طريقي سان وڌندڙ شهري آباديءَ جي صحت مند غذا لاءِ گوشت جو پورائو ڪيو پيو وڃي، سو سنڌ مان چوپايو مال ختم ڪري ڇڏيندو. ان سلسلي ۾ مالدار ماڻهن جون (پاڳيا جماعتون) نهرائي ڪين قومي تحريڪ سان ملائي سگهجي ٿو.

(5) ميربحر:- ملاح، مهاڻا، سنڌ جي قديم ذات آهي، جنهن جو گذران صرف دريائن، ڍَنڍن ۽ ڍورن ۽ سامونڊي ڪنارن تان مڇي مارڻ تي آهي. سنڌي سماج جو اُهو جزو مهاراجا ڏاهر کان به اڳ ۾ سنڌ جي انهن هنڌن تي آباد هو ۽ مختلف موقعن تي سنڌ جي آزاديءَ لاءِ وڏي پيماني تي ويڙهاند ڪندو آيو آهي. خاص طرح مغل دور ۾ همايون جي حملي کان وني اعظم خان جي گورنريءَ تائين سنڌ جي انهيءَ ذات جيڪا جدوجهد ڪئي آهي تنهنجي هڪ جهلڪ تاريخ مظهر شاهجهاني ۽ تاريخ طاهريءَ ۾ ملي ٿي. انهن وٽ تاريخ جي هر دور ۾ گهر تڙ ۽ ذاتي ملڪيت جي حالت ۾ هيءُ سامان هو. هڪ به ٻيڙيون، رَڇَ، ڪُڙهيون، ڪنڊيون وغيره. اهوئي سامان اڄ به وٽن موجود آهي پر اڳين دور ۾ انهن شين جي ذريعي هو جيڪو پورهيو ڪندا هئا سو سنڌن ذاتي ملڪيت هوندو هو. هو ڍنڍن، ڍورن، دريائن ۽ سامونڊي ڪِنارن جا بادشاهه ليکيا ويندا هئا. پر اڄ اُهي فقير آهن ڇو نه سنڌن گذران جي وسيلن تي ٻين جو قبضو ۽ ڪنٽرول آهي. سنڌ جي انهيءَ حصي جو به هن دور ۾ سنئون سڌو حڪمران ٽولن ۽ انهن جي چاڙتن سان تضاد ۽ ٽڪر آهي. انهيءَ تضاد ۽ ٽَڪر کي به سنڌ جي آزاديءَ لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو. اُن حصي وٽ به ويڙهه دوران وڃائڻ لاءِ ڪا شيءِ ناهي پر کٽڻ لاءِ گهڻو ڪجهه آهي. انهن حِصن کان سواءِ خانه بدوش قبيلا آهن. جهڙوڪر: گرگلا، باگڙي، رنديون، ڪوچڙا، ڪبوترا، گوورايا،

جوڳي وغيره. اُهي عنصرَ سنڌ جي هيٺئين طبقي سان تعلق رکن ٿا ۽ آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ڪنهن حد تائين ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. پر اُهو سڀ ڪجهه سنڌ جي سچاڻ وچولي طبقي ۽ هاريءَ جي سهڪار سان ٿي سگهي ٿو ۽ وچولو طبقو مزدور طبقي جي اڳواڻ واري صورت ۾ هڪ حد تائين رهنمائي وارو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

عورت:-

دنيا جي سماجي توڙي سياسي انقلابن ۽ اُٿل پٿل ۾، سماج جي هڪ اهم ۽ ڪارائتي عنصر يا جُزي جي ان سماجي يا سياسي انقلابن يا اٿلن پٿلن ۾ شموليت يا ڀاڱي ڀائيواريءَ کان سواءِ هوند دنيا جو ڪو به سماجي توڙي سياسي عمل مڪمل نه ٿي سگهي ها. اُهو حصو يا سماجي عنصر آهي – عورت، جيڪو سموري دنيا جي سماجن جو، ڪميت ۽ ڪيفيت جي لحاظ کان، اڌ نه ڪٿي ڪٿي مَردن کان به وڌيڪ ڳاڻيٽي ۾ هوندو آهي. اسان دنيا جي قومي تحريڪن يا سامراجي سرشتي جي اڌاوت ۾ ان حصي جي شاندار ۽ بهادريءَ واري ڪردار کي جوڳي اهميت ڏيڻ کان سواءِ، ڪنهن به سماجي چنبڊ چاڻ کي پوريءَ طرح سمجهي نٿا سگهون. هن ڪائنات ۾ انسان جي عظيم ۽ ڏکي جاکوڙ، جنهن نه رڳو انسان جي مادي ۽ فطري بلندين کي جنم ڏنو آهي، پر ڪائنات جي تسخير ۽ فطرت جي سوڀ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. تنهن انساني قافلي کي ڪاميابين سان همڪنار ڪرڻ ۽ منزل مقصود تائين پهچائڻ ۾ عورت جي ڀرپور ڪردار سان سمورن جديد انقلابن جي تاريخ جا صفحا ڀريا پيا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ الجزائر، فلسطين، ويٽنام، ڪمبوڊيا، بنگلا ديش، ڀارت، ڪيوبا، موزمبيق، گني بساؤ، انگولا ۽ لاطيني آمريڪي ملڪن جا مثال، انقلابي جدوجهد ۾ عورت جي مؤثر ۽ ڀرپور ڪردار جا روشن مثال آهن. ڪمبوڊيا ۾ ته لون نول حڪومت عوامي جدوجهد دوران ڪمبوڊيا جي گاديءَ واري شهر نام پنه تي قبضو به عورتن جي ڇاپامار دستي ڪيو هو. سموريءَ دنيا جي انهن انقلابي تحريڪن کي ڏسندي، اسان سنڌ ۾ به عورتن جي ڀرپور شرڪت ۽ سهڪار کان سواءِ ڪنهن عوامي سوڀ جي اُميد ڪري نٿا سگهون. پر هن وقت سنڌ جي عورت جي جيڪا حالت آهي، اُن کي ڏسندي ائين ٿو محسوس ٿئي سنڌي عوام جي اُها گهٽائي اجان تائين نه رڳو سماجي اُٿل پُٿل جي جدوجهد ۾ شريڪ نه ٿي آهي، پر هوءَ اُن کي پوريءَ ريت سمجهي به ناهي سگهي. ٻيءَ دنيا وانگر سنڌ ۾ آباديءَ جو اڌ حصو عورتن تي ٻڌل آهي. اهي عورتون سنڌي سماج ۾ اڪثر اڇوتن ۽ غلامن واري زندگي گذاري رهيون آهن. سنڌي عورت تي محنت جو جيڪو بار آهي ان تي اڳتي هلي گفتگو ڪبي، پر هِتي پهرين اهو ٻُڌائڻ ضروري آهي ته سنڌي سماج ۾ (هر غلام سماج ۾ پڻ) عورت ڪيترين ئي غلامين ۾ جڪڙيل ۽ تعليم جي اڻاٺ ڪري اها ڪيترن وهمن ۽ وِسوسن ۾ گهيريل آهي.

جيڪڏهن موجوده سنڌي سماج جو جائزو وٺي ڏسبو ته اُن ۾ موجود عورتن کي مکيه ٽن حصن ۾ ورهائي ڏسبو. پهريون حصو انهن عورتن جو آهي جيڪي وڏن گهراڻن ۽ خاندانن سان واسطو رکن ٿيون، جيڪي جاڳيرن هِندورن ۾، پَليون هندورن ۾، پر مَرن به پَٽ جي ٻاڙهن هندورن ۾ ٿيون. انهن کي حويلين ۾ وِهندي ورهيه گذري وڃن، ڪين ڪاڏي پيتي، ڪپڙي لٽي ۽ ڪجھ ڳڻي جي ڪا به ڪوٽ نه هوندي آهي. رڳو ڪوٽ کان ٻاهر نڪرڻ يا شادي ٿيڻ جو فِڪر هوندو اٿن. اهي گهڻو ڪري غريب عورتن لاءِ جلاد، بي رحم ۽ قاتل مڙسن، پائرن ۽ پيئرن جهڙيون هونديون آهن. منجهائن گهڻيون مختلف قسمن جي ذهني ۽ نفسياتي بيمارين جو شڪار هونديون آهن، جن ۾ انساني، قومي يا ماڻهپي جو ڳڻ ڳوليو به نه لڀندو آهي. اهي سنڌ جي عورتاڻي سماج جو بيڪار حصو ۽ فالج ۾ ورتل عضوو آهن. انهن مان جيڪڏهن ڪا هڪ اڌ پڙهي ڳڙهي حويليءَ ۽ ڪوٽ مان ٻاهر نڪري آئي به ڪٿي، تڏهن به سندس دماغ ۾ وڏ ماڻهپي وارو جِن واسو ڪيو ويٺو هوندو آهي، ۽ جيڪڏهن بدقسمتيءَ سان اهڙي عورت سياست ۾ آئي ته اها عام ورڪر عورتن جي سطح تي هڪ جهڙائيءَ وارو رويو نه رکندي، پر ڪين پرس کڻڻ واريون نوڪريائيون ڪري هلائيندي. عورتن جي انهيءَ حصي مان ڪنهن به سياسي عمل ۾ مثبت ڪردار ادا ڪرڻ جي توقع نٿي ڪري سگهجي.

سنڌي عورت جي سماجي طرح ٻئي حصي ۾ اُهي عورتون اچي وڃن ٿيون جيڪي شهرن ۾ رهن ٿيون، نوڪريون ڪن ٿيون يا ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ پڙهن ٿيون يا ننڍن ننڍن دڪاندارن جي گهرن سان لاڳاپيل آهن. اُهي سنڌي عورتن جو اهو حصو آهن جن جو جسماني طرح لاڳاپو ٻهراڙين کان ٽُٽو نه آهي، پر ذهني ۽ سماجي طرح انهن جو لاڳاپو پنهنجين ٻهراڙين کان بلڪل ڪَٽجي چڪو هوندو آهي. انهن عورتن جو ذهني لاڙو ذري گهٽ وچولي درجي وارن مَردن جهڙو هوندو آهي. هنن ۾ معيار زندگي بلند ڪرڻ ۽ وڏ گهراڻين عورتن جي درجي تي پهچڻ لاءِ ڏُک ڊوڙ لڳي پئي هوندي آهي ۽ منجهن انفراديت پسندي ۽ انفرادي خوشي ۽ خوشحاليءَ جا هاجيڪار لاڙا موجود هوندا آهن، پر جيئن ته انهن عورتن جي زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ ڌارين سان مَرد جي پيٽ ۾ گهٽ واسطو پوي ٿو، انهيءَ ڪري شديد قسم جي قوم پرستيءَ جا لاڙا منجهس نه هئڻ جي برابر هوندا آهن. انهن مان جيڪي ڪجھ وڌيڪ پڙهيل ڳڙهيل ۽ سوشل هونديون آهن سي به ذهني مونجهاري جو شڪار هونديون آهن. هڪ طرف منجهن مبهم قوم پرستي هوندي آهي ته ٻئي طرف اُهي آقا قوم جي عورتن جي نقاليءَ ۾ عورت جي آزاديءَ جا نعرا هڻنديون آهن، پر ڪين اها خبر نه هوندي آهي ته آقا ۽ آزاد قوم جي عورتن جي آزاديءَ جو مفهوم ٻئي هوندو آ گهڻ طرفيءَ غلاميءَ مان نجات حاصل ڪرڻ، جيڪا هن کي عذاب ۽ عقوبت جي گهاڻي ۾ پيڙي رهي آهي. اسان جي ان سوشل عورت جو آزاديءَ جا نعرا هڻڻ وقت سڀ کان وڌيڪ زور پردي جي مخالفت ۽ حويلين جي تالي ٽوڙڻ تي هوندو آهي، جڏهن ته پردي مان آزادي ۽ حويليءَ جي تالي ڪولڻ جو مسئلو سنڌ جي عورت جي هڪ سيڪڙو جو به نه آهي. سنڌ جي نوي سيڪڙو عورت کي نه حويلي مليل آهي، نه مٿي ڍَڪڻ لاءِ سالم پوتي ئي موجود هوندي اٿس. سماجي تبديليءَ جي جدوجهد ۾ انهيءَ عورت جي ذميواري سڀ

ڪان اهم آهي ۽ ٻهراڙيءَ جي اڪثريت جي شعور ۽ سماجي تبديليءَ لاءِ متحرڪ حصي جي حيثيت ۾ عمل جي ميدان ۾ آڻڻ ۽ ڪين انساني قدرن جي اعليٰ گُڻن ۽ خوبين سان مالا مال ڪرڻ جو علم پهچائڻ اُن عورت جي ذميواري آهي، جيڪا هن ڪي ڪٽڻ گهرجي ۽ ڪيس مُدي خارج قدرن جي پابندي ڇڏي انهن ميٽنگن، گڏجاڻين ۽ جلسن جلوسن ۾ ڀرپور حصو وٺڻ گهرجي، جيئن سندس انفراديت پسندي ۽ عدم تحفظ وارو موذي مرض ختم ٿئي ۽ منجهس انسانن جي ڀڏي، قرب ۽ پنهنجائپ واري طاقت جو شعور وڌي ويجهي ۽ ايترو طاقتور ٿئي جو اُها ليليٰ خالد، اشرف دهقاني، جميلا بوپاشا ۽ شهيد بختاور ٻڻجي وڃي. انهيءَ عورت جو اهو فرض تاريخ مقرر ڪري ڇڏيو آهي، جيڪو هن ڪي دير يا سوير ادا ڪرڻو ئي پوندو، ٻي صورت ۾ سندس اها انفراديت پسندي ۽ ڪلچرڊ هئڻ واري انانيت ڪيس سموري سنڌي عوام کان ڪٽي ڇڏيندي. اڄ جيڪا ڪيس ڪلچرڊ مڙس ۽ آئيڊيل شاديءَ جي تلاش آهي، سا صرف سنڌڻ عورت جي گهٽائيءَ سان پاڻ کي شريڪ ڪرڻ، انهن سان گڏجڻ، ملڻ ۽ سماجي جوڙجڪ ۾ عظيم تبديليءَ جي نيت سوپ ماڻيندڙ جدوجهد ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ سان ئي پوري ٿي سگهي ٿي.

ان ڪان پوءِ اچي ٿو سنڌي عورت جو اُهو حصو جنهن ۾ سنڌي عورت (هيٺين طبقي جي) انسان نه پر وکري جي جنس آهي، جنهن جي خريد ۽ فروخت ٿئي ٿي ۽ اُن وکري ڪان پوءِ اها هميشه لاءِ خريد ڪندڙ جي ملڪيت ٻڻجي ويندي آهي. جيڪا مڙس جي مري وڃڻ ڪان پوءِ به ساهرن جي ملڪيت هوندي آهي. جيڪڏهن وٽن نه مري ويندڙ مڙس جي ڪنهن ڀاءُ يا سؤٽ سان پرڻائي ڇڏين يا گهر جي ٻانهي ڪري هلائين، ان ڪان سواءِ اها سدائين مڙس جي ٻانهي ٿي رهندي آهي. مڙس وري ڪنهن وڏيري يا پوتار جو غلام يا ٻانهون هوندو آهي، اهو پوتار وري ڪنهن پير، مير ۽ سيد جو ٻانهون هوندو آهي، اهو پير، مير ۽ سيد به ڪنهن ٻاهرين قوت ۽ حاڪميت جو غلام ۽ ٻانهون هوندو آهي. انهن سڀني ته در ته غلامين جو بار ۽ وزن اُن عورت تي پوندو آهي جيڪا هيٺين درجي جي سماجي فرد جي قبضي ۾ هوندي آهي، جتي اها جيون ساٿي نه پر پٽسي تي آنڊل يا ٻَڌي ۾ ورتل هوندي آهي جتي رات ڏينهن مڙس جي ظالمانه روش ۽ موچڙي مار جي ڪري هن ۾ ڪا به سَرهي سوچ، بلند خيالي ۽ سماج ۾ پنهنجي ڀرپور حِصي ۽ ڪردار ادا ڪرڻ ڪان ذري گهٽ سنڌ ٻڻجي ويندي آهي. هن جو ملڪ، حڪومت، عوام، ثقافتي سرگرميون سڀ اُهو گهر ۽ ڪيت هوندو آهي، جتي هن جي محدود، مفلوج ۽ ڪِرپ واري پيڙا سان ڀرپور دنيا هوندي آهي. جيئن نه اها عورت هميشه خوف ۽ حراس واري ماحول ۾ رهندي آهي، ان ڪري اها انهيءَ قسم جا نفسياتي لاڙا پنهنجي اولاد ۾ ورثي طور منتقل ڪندي رهندي آهي ۽ جنسيات ۾ خوف، حراس ۽ ايذاءَ واري ماحول ۾ رهڻ ڪري ڪمزور ۽ ذهني طرح مفلوج اولاد ڄڻيندي آهي. جيئن گهر جي ماحول، ڏيتي ليتيءَ ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ بي اختيار ۽ مجبور هوندي آهي، تيئن جنسي عمل ۾ پڻ سندس مرضيءَ کي نظر ۾ گهٽ رکيو ويندو آهي. ان ڪري اها جسماني ۽ ذهني سگهه جلد وڃائي ويهندي آهي ۽ وقت ڪان اڳ پِيريءَ يا موت جو شڪار ٿي ويندي آهي. سنڌ جي اها عورت جيڪا ته در ته غلامين ۾ جڪڙيل

آهي، ان ڪي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به رسيس يا موڪل نه ملندي آهي. هن جو وقت صبح کان سانجهيءَ تائين ڪنهن بي زبان ڍور جيان وَهڻ ۽ ڳهڻ ۾ گذرندو اٿس. جنهن ۾ گهر جي سموري ڪم ڪرڻ کان سواءِ ٻارن جي پالنا، مال جي سار سنڀال لهڻ ۽ مڙس، ڀاءُ ۽ پيءُ سان کيتي ٻاڙيءَ جي ڪم ۾ ٻانهن ٻيلي رهڻ. انهيءَ سموري ڪم جو سلسلو هر روز هلندو آهي، سندس ڪهڙي به حالت هجي، ڪيس اهو ڪم روزانو ڪرڻو پوندو آهي، پوءِ ڪٽي پيٽ سان هجي يا ٻار ئي ڄاول هجيس. ان ايتري مصروفيت ۾ به هوءَ ڪڻ ٿوپو هٽندي آهي. رلهيون سبندي آهي. ڏاج ڏيوڻ لاءِ گج ۽ چولا پرِيندي آهي. انهيءَ سموري ڳاٽي ڀڳي محنت جو معاوضو ڪيس رڳو ماني ۽ لسي ملندو آهي، جيڪا غذا اڄ جي سُڌريل دور جي ذري گهٽ غذا ئي نه آهي. انهيءَ ماحول ۽ حالتن ۾ هِن تان موچڙو لهندو ئي نه آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪاري ڪري ماري ويندي آهي ته ڪڏهن پلاند ۾ ڪچي ويندي آهي. اها سنڌي عورت جيڪا سموري سنڌي عورت جو نوي سيڪڙو هوندي آهي، سا رسمي ۽ رواجي تعليم کان به وانجهيل هوندي آهي، چو ته هڪ غلام سماج ۾ ڏارئي آقا جي غلامي، پير، ميرءِ وڏيري جي غلامي ۽ مذهبي وهمن جي غلامي- غلام ماڻهن لاءِ علم جا دروازا کوليندي ئي نه آهي ۽ پنهنجي وسيع ۽ گهڻ طرفي مذهبي پروپئگنڊا وسيلي عورتن جي تعليم کي عورت جي فحاشيءَ جي سَنَدَ سمجهيو ويندو آهي. ان ڪري سنڌ جي ٻهراڙين جي اسڪولن جا دروازا سنڌي نياڻين لاءِ هميشه بند هوندا آهن، جيڪي صرف ڪنهن وڏي سماجي شعوري تبديليءَ سان ئي کُلي سگهن ٿا.

حقيقت ۾ اُها سنڌ جي عورت ئي آهي جيڪا ڪنهن سماجي تبديليءَ جي عمل ۾ زورائتو حصو وٺي سگهي ٿي ۽ سماجي انقلاب، جن دوزخ جهڙين سختين مان گذرندو آهي تن کي همٿ ۽ حوصلي سان منهن ڏيئي سگهي ٿي، پر اُن لاءِ ضروري آهي ته منجهس سماجي تبديليءَ جو شعور پيدا ڪيو وڃي. ان شعور پيدا ٿيڻ سان اها سنڌي عورت اهوئي ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي، جيڪو هُن حُر تحريڪ ۾ ادا ڪيو هو. پر اصلي شيءِ هيءَ آهي ته سنڌي عورت ۾ اهو سماجي شعور پيدا ڪيئن ٿئي؟ آءٌ سمجهان ٿو ته سنڌي عورت ۾ اهو شعور ۽ ساڃاهه ٻن طريقن سان ضرور ايندي. هڪ اهو ته جڏهن سنڌ جو هاري ناري، ڪڙمي ڪاسبي، باشعور دانشورن جي نظرياتي رهنمائيءَ ۾ سماجي تبديليءَ لاءِ اڳتي وڌيو ته ان وقت نه رڳو سندس ذهني تبديلي ٿيندي، پر هو نفسياتي مونجهارن ۽ معاشي مجبورين ۾ وڪوڙيل انسان جي بدران هڪ نئون ۽ نڪور انسان بڻجي ويندو، جنهن جو اثر پنهنجي گهر جي سموري ماحول جي ثقافتي ۽ اخلاقي جامد (هڪ هنڌ بيٺل) قدرن تي پوندو ۽ انهن ۾ تبديلي ايندي. اهو پنهنجي زال کي ملڪيت يا ٻانهي نه پر با عزت انسان ۽ زندگيءَ جو محبت ڪندڙ ساٿي سمجهندو ۽ زندگيءَ جي جنگاهه ۾ پاڻ سان شريڪ ڪندو. ٻيو طريقو آهي ته سنڌ جي دانشور عورتن ۽ شاگرديائڻين طرفان ٻهراڙيءَ ۾ عورتن جا علمي ۽ تهذيبي ورڪشاپ، ميلا، گڏجاڻيون، ڊراما وغيره ڪري انهن ۾ سماجي سُرت ۽ مجاهد عورتن جون تصويري ڪهاڻيون. چُرندڙ ڦرندڙ تصويرن ۽ ڳالهائيندڙ

ڪيسن وسيلي انهن تائين پهچائڻ. پر ان لاءِ ضروري آهي ته سنڌي دانشور عورت ۽ شاگرديائي پنهنجي مخصوص خول مان نڪري! پر انهن پنهي طريقن مان پهريون طريقو وڌيڪ ڪارائتو ۽ نوس آهي.

مطلب ته سنڌي سماج ۾ عورت جي انهيءَ حيثيت ۾ وري به تباهين ۽ جهيڙن جو ڪارڻ ۽ قبائلي رتوڇاڻ جو سبب سنڌ جي اها عورت آهي جنهن جو واسطو ٻهراڙيءَ جي غريب ۽ لولي لوڻ لاءِ محتاج عوامي حصي سان آهي. اها گونگي ڳانءِ چٽين، ڏنڊن ۽ فيصلن ڦٽن ۾ پئسي يا جنس واري حيثيت ۾ منتقل ٿيندي رهندي آهي. جتي هن جي حالت غلاميءَ واري دؤر جي ٻانهيءَ واري وجهي ٻيهندي آهي. سندس زبان کي سدائين لاءِ تالا لڳي ويندا آهن ۽ جسم تي ڇهبڪن جو وسڪارو هوندو آهي. پر هن جي ان قربانيءَ (جيڪا ظاهر ڳالهه ته خود اختياري نه هوندي آهي پر ڪاليءَ سامهون انسان ڪُهڻ واري هوندي آهي.) مان سنڌي قبيلن، راڄن ۽ مختلف ذاتين جي ڪڏهن ڪڏهن جهيڙن جهڳڙن ۽ فسادن جو اڻ کُٽ سلسلو رڪجي ويندو آهي ۽ صلح صفائيءَ جون تازيون هوائون گهلڻ لڳنديون آهن. پوءِ اها قرباني هن دؤر ۾ انسان جي سڀ کان وڏي توهين ۽ عورت جي انساني حيثيت کي بلڪل ختم ڪري ڪيس موڙيءَ واري حيثيت ڏيندڙ ثابت ٿي پوندي آهي، ڇو ته اهڙن ڏنڊن، چٽين ۽ فيصلن ۾ ڪڏهن ڪٿي ڪو ڇوڪرو يا مَرد به ڏنو ويو آهي يا ڏنو ويندو؟ ويجهڙائيءَ جي تاريخ ۾ صرف به مثال مَردن جي يرغمال طور ڏيڻ جا ملن ٿا – هڪ نور محمد ڪلهوڙي طرفان نادر شاهه کي پنهنجا ٻه ڇوڪرا ڏيڻ ۽ ٻيو هڪ مندر کي بچائڻ لاءِ ٽيپو سلطان طرفان انگريزن کي پنهنجا ٻه شهزادا ڏيڻ. پر هونئن عام طور چٽين، ڏنڊن ۽ عيوضن ۾ ڪجهي وڃڻ عام سنڌي ٻهراڙيءَ جي عورت جو مقدر آهي. اهائي عام سنڌي ٻهراڙيءَ جي عورت آهي، جنهن جي سياسي ۽ سماجي شعور جي سطح مٿاهين ڪرڻ کان سواءِ هن خطي ۾ ڪابه سماجي ۽ سياسي اُٿل پُٿل اچي نٿي سگهي. ان ڪري سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن کي گهرجي ته اهي نهايت محنت ۽ جاکوڙ سان سنڌي عام ٻهراڙيءَ جي عورت جي سياسي ۽ سماجي شعور جي سطح مٿاهين ڪرڻ لاءِ مختلف اُپائن تي غور ڪن.

سنڌي ٻار:-

ٻار انساني سماج جو هڪ اهو ڪليدي ۽ اهم عنصر آهي، جيڪو تهذيبي زندگيءَ جو بنياد ۽ هر نئين ايجاد جو محرڪ رهيو آهي.

ڪنهن سماجي ڏاهي جو چوڻ آهي ته "توهان پنهنجي ٻار کي پائڻ لاءِ ڪپڙا، کائڻ لاءِ غذا ۽ رهڻ لاءِ گهر ته مهيا ڪري سگهو ٿا، پر ڪيس پنهنجا خيال هرگز نٿا ڏئي سگهو! ڇو ته هن نئين زماني ۾ اک کولي آهي، هو نئين ماحول ۽ نئين دؤر جو انسان آهي، هن جا خيال توهان جي خيالن کان مختلف هوندا."

وِيهين صدي جيئن ته انقلاب، آزادي، قرباني ۽ جدوجهد جي صديءَ طور گذري رهي آهي. هن صديءَ ۾ دنيا جا عظيم انقلاب به برپا ٿيا آهن ۽ دنيا جي نقشي تي اڻ ڳڻين قومن، قومي آزاديءَ جي جدوجهدن وسيلي،

سندس مٿان زوريءَ مڙهيل غلامانه دور جو خاتمو آڻي، عزت ڀري زندگي ۽ شانائتي قومي وقار سان گڏ عالمي ساميوادي انقلاب ۽ باقي مانده غلام قومن جي آزاديءَ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪنديون رهن ٿيون.

انهن عظيم انقلابن توڙي قومي آزاديءَ جي جدوجهدن ۾ ٻارڙن انقلاب ۾ پاڻ تي عائد ٿيل حصو جهڙي طرح نباهيو آهي، جيڪي ڪاميابيون ۽ ڪارناما هنن هٿان سرانجام ٿيا آهن اهي توقع کان ڪئين ڀيرا وڌيڪ آهن.

اهڙي طرح سنڌ جو نماڻو ۽ ارڏو ٻالڪ به پنهنجي مخصوص سماجي حالتن تحت تاريخي ۽ روايتي طور توڙي موجوده حالتن جي تقاضائن نسبت پڙ مٿي پرزا ٿيندڙ پنهنجي جوپ جوانن سان برابر جو شريڪ آهي.

جيئن ته سنڌ جي ترقيءَ کي جاڙي واٽي ڀنتي رهايو ويو آهي، هتي جي سموري آمدني جيڪا ڇئن صوبن جي گڏيل بجيٽ جو وڏو حصو ادا ڪري ٿي. ان کي اسان تي قبضو ۽ حاڪميت قائم رکڻ واري اداري (يعني فوج) تي خرچ ڪيو وڃي ٿو. ان ڪري سنڌي ٻالڪ تعليم کان وانجهيل هڪ طرف رهي ٿو ٻئي طرف سندس معصوم خواهشات جي بي تدارڪي ۽ وندر ورونهن جي ذريعن ۽ وسيلن جو نه هئڻ جي برابر واري عمل ڪري اصولي نشونما غير تسلي بخش، ذهني ۽ نفسياتي طرح ملول ۽ مونجهارن جو شڪار رهڻ جي باوجود منجهس ناموافق سماج خلاف بغاوت جون ڇڻيون نشانيون ملن ٿيون جن کي ڇتو، تيز ۽ باعمل ڪرڻ، تحريڪي ڪارڪنن جو ڪم آهي. اسان جيڪڏهن سنڌي سماج ۾ باريڪ بينيءَ سان نهاريندا سون ته اسان کي سنڌي ٻارڙن جي پالنا واري ماحول جو اثر قبوليندي ۽ ان پٽاندر سندس طبيعتي رجحانن جو نهڻ ۽ ذهنيت جي ترتيب ٿيڻ نظر ايندو.

جيئن ته طبقاتي طرح هر طبقي جي ماحول ۾ اکيون کوليندڙ ٻار ان مخصوص طبقاتي ماحول مان پرورش، سِکيا ۽ اثرات کڻي اڪثر ڪري ساڳيءَ ئي ذهنيت جي ترجماني ڪندڙ بڻجي اسرندو آهي. ان لاءِ مٿئين طبقي جي ماحول سان واسطو رکندڙ ٻار گهڻو ڪري نوڪرن ۽ ٻانهن جي ڪَچن تي ڪِجي پلجي ٿو ته منجهس حاڪميت ۽ وڏائيءَ وارا لاڙا شروع کان سرجڻ سان گڏوگڏ وڌندا ويجهندا رهن ٿا. هو نوڪرن، نوڪرياڻين کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه جاڻي- ان ماحول جي ٻارکي اسڪول، ڪاليج ۽ عام سماجي زندگيءَ جي سِکيا به ڪا گهربل تبديلي نه آڻي سگهندي آهي. جو ته انهن ساڳين ادارن ۾ هوندي جيڪي ماڻهوءَ کي مڪمل انسان بڻائڻ ۾ مددگار ٿيندا آهن. هي پاڻ کي اتي به گهڻو پاسائتو رکندا آهن ۽ ٻين مان اُها توقع رکندا آهن ته جهڙوڪر سيئي سندن حُڪمن جي بجا آوري ۽ رعب تاب سهڻ لاءِ خلقيا ويا هجن. اِئين نه هئڻ جي صورت ۾ نتيجاً هي سيني کان ڪَٽيل، اڪيلا ڪنهن به قسم جي سياسي، سماجي، ادبي ۽ تنظيمي سرگرمين کان بنهه ڏور، رڳو سندس وس ميسر سهولتن، ڪار، ٽيپ رڪارڊر، روم ۽ جنسي لٽريچر جي آڙاهه ۾ پناهه ورتل نظر ايندا. ذري ذري تي چِڙندا، منطق جا دشمن، اعتقادن ۽ نوڙت ڪرڻ جي رجحانن جا پرستار- نِلهي وڏائيءَ ۾ وڪوڙيل، انسان جي

شڪل ۾ انسان دشمن درندا جانور بڻجي رهندا آهن، جن مان ڪنهن به قسم جي چڱائيءَ جي اميد رکي نه سگهجي آهي، صرف سندن حال تي رحم ئي ڪائي سگهبو آهي.

اهڙي طرح وچئين طبقي سان لاڳاپيل ٻار ٻٽي ذهني ڪشمڪش، جيڪا هڪ طرف وڏي طبقي جي ٻارن ڪي ميسر آسائشن جي چمڪ ته وري سندس اهليتن جي تڪميل جيڪا ڪيس سنس طبقي ۾ فِٽ ڪرڻ جي ضمانت ڏيڻ جو پورائو ڪري ۽ ٻئي طرف سندس نظر ۾ موجود ناموافق سماج، جنهن ڪي ڊاهي نئين در تعمير ڪرڻ جا خواب! جيڪي شيون گڏجي سندس سوچ ۽ عمل ڪي تحرڪ ۾ آڻين ٿيون ۽ عملي زندگيءَ ۾ هي ٻار بيباڪ ۽ وڌيڪ سرگرم رهي ٿو. سنڌ ۾ ٻارن جي سطح تي ڪيتريون ئي سياسي، سماجي ۽ ادبي تنظيمون ڪم ڪنديون رهن ٿيون. جيڪي جاڳرتا، ٻَڌي ۽ جدوجهد جي ڏِياتيءَ ڪي روشن رکيو اچن. اهي سموريون انهيءَ وچئين طبقي جي ٻار جي توسط سان ئي قائم آهن. ۽ اڳتي به وقت، حالتن ۽ آزمائش ۾ هي ٻار اجان به وڌيڪ مؤثر ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. پر سندس ماحول ريساري طبيعت ۽ سماجي بي وسي ڪيس آهستي آهستي سهل پسند، حقيقتن ڪان نٺائي خوبصورت ماحول جا خواب ڏسندڙ، عملي طرح سنڌ، ذهني طرح ڪُند، ڏاڙي ٻٽاڪي، ڳالهير، شوباز ۽ نيٺ ڪنهن رعبدار ڪاموري ٿيڻ لاءِ ڪوشش ڪندڙ ٺٽائي وجهي ٿي. ان لاءِ ضروري آهي ته اهڙي تنظيم هجي جيڪا سندس شروعاتي شوق ۽ چاهه جو فائدو وٺندي سندس نظرياتي تربيت ڪري ۽ ڪيس سندس اباٽي ڏاڏاٽي ماحول مان مليل قنوطي ۽ مايوس ڪندڙ، بي عمل ۽ چَسو بڻائيندڙ خصلتن ڪان آجو ڪري ۽ صحيح معنيٰ ۾ قومي درد ۽ مجموعي عوامي مفادن جو پرستار بڻائي، ته جيئن هو تاحيات جدوجهد ۾ اٽلتڪ ڪردار ۽ ثابت قدميءَ وارو رول ادا ڪري سگهي. جنهن طريقي سان اسان ڀاڻ وٽ بهترين ڪارڪن جا اڻ کُٽ جٿا ٿاهي، وڏائي ويجهائي قومي دشمن مان جان ڇڏائي سگهون ٿا. پر اهو سڀ ڪجهه نظرياتي تربيت ڏيندڙ ڪارڪنن تي منحصر آهي ته هو ڪيتري قدر ٻارن جي نفسيات ڪان واقف ٿي ۽ بتدريج سندن نظرياتي شخصيت جي تعمير ڪن ٿا.

ان ڪان پوءِ آهي اُها ٻاراٽي ٽولي جيڪا انسان ذات جي عام طرح ۽ سنڌي سماج جي خاص طرح اُن حصي سان تعلق رکندڙ هوندي آهي، جيڪو اُپائيندڙ، خلقيندڙ، تيار ۽ پيدا ڪندڙ ته پاڻ هوندو آهي، پر مروج سماج ۾ سندس پيدا ڪيل شين تي سندس اختيار ۽ ان جي استعمال جو حَق ڪيس اڻ لکو ۽ نه هئڻ برابر هوندو آهي. پيدائش جي اُن عمل ۾ سخت ۽ سِر ٽوڙ محنت جي باوجود ڪيس حاصل اهو ڪجهه ٿيندو آهي جنهن سان هو مَس وڃي جي سگهندو هجي، يعني اڻ پوري ۽ غير متوازن غذا، رهائش لاءِ عارضي گهر (اُها جاءِ جنهن تي سندس مستقل حَق نه هجي) ۽ سردي گرميءَ ڪان غير محفوظ اَجهو ۽ اوڍڻ لاءِ اُترن (ٻين جا لاٿل ڪپڙا). ان ماحول ۾ سرجندڙ ٻار تعليم ۽ تفريح جهڙين بنيادي انساني ضرورتن ڪان وانجهيل ۽ نا آشنا هوندو آهي، سندس ماحول ۾ روزمرہ ٿيندڙ واقعا جهڙوڪ:- سندن والدين تي مقامي انتظاميه طرفان مارون ڪُٽون، جُنيون ۽ بي عزتيون- ڪوڙن ڪيسن ۾ ڪورٽن جون حاضريون ۽ جيلن جون سزائون، آفيسرن طرفان ڏنڊ، چَٽيون، بيگرون،

قبيلائي جهيڙا جهڳڙا ۽ غيرت جي منحوس نالي ۾ سندن پائرن، پيئرن ۽ مائرن جو قتل ٿيڻ، جهڙا واقعا سندن ڪچي ذهن تي تمام شدت سان اثر انداز ٿين ٿا ۽ رد عمل ۾ هي خود ارڏو ۽ اهنڊ ٿي اُڀري ٿو. سندن ذهن ۾ همٿ مُڙسي ۽ سختيون سَهڻ جا لاڙا پروان چڙهن ٿا. هي هر اُن ڳالھ کي هيچ سمجهندو آهي جنهن مان سُستي، ڪاهلي ۽ پاڙيائپ جو تاثر ملندو هجي. نلهي هئڻ ۽ نلھ تي رهڻ ڪري ڪيس اها اون ئي نه هوندي آهي ته متان ڪا سرڪار ڏمرجي پوي ۽ ملڪيت ضبط ٿي وڃي. هن لاءِ جهڙو جيل ۾ هئڻ تهڙو ٻاهر هئڻ هوندو آهي، هو پنهنجي سڄڻ، ساٿيءَ ۽ وفادار لاءِ سِر جي قرباني ڏيندي به نه ڳُسندو آهي. پر ويريءَ جي جڳهن کي ٻاهيون ڏيندڙ، ڪانئس نفرت ڪندڙ ۽ ان جو جاني دشمن هوندو آهي. هو وَچن جو پڪو، هيرا ڦيريءَ کان آجو، ٿوريءَ ٿَڪيءَ تي راضي، ٻُک ڏک جو ڏاڍو، هيٺ به سُمهي جاڻي، نه سيءَ جو اُلڪو، نه گرميءَ کان ڊڄ، گَس نه وٺڻ ئي نه سِکيو هوندو آهي، جهنگ جهر، ڪوٻا ڪڏا پاڻئه نه روڊ سمجهيو پيو هلي، جي ”غرض ڪيجي نه پاڻ جهڙيءَ ۽ قرب واري جي“ ”تيزيءَ واري کي پاڻ سؤ ڪوھ پري ڀُڏون“ لاشعوري طور تي انقلابي خاصيتن سان مالا مال، ڏانوَ جهڙو، مڙس ماڻهو، اندر جي ڦرهي ڪوري جي ڪوري: جو چاهِ سو مٿائنس لِک، جو چاهِ سو چَٽ، ڳالھ جو ڳُر سمجهيائين نه توڙ ڪندو پل نه سمجهائيندڙ پاڙيو ٿي بيهي رهي. پر هو چوندو، ”مهلون مُڙسن تي ايندين آهن.“ ”ٻنين ۽ وڻين تي سِر به ڏيئي ڇڏبا نه سودو سَستو آهي،“ ”پنهنجا ڪک ڪو ڇڏبا“ ”جتي اسان جا ابا ڏاڏا دفن ٿيل آهن، اُن ماڳ تي مَٿا وڃائبا.“ ”اڃين نه مُڙس ٿي آءُ نه نه گهر ۾ وڃي چُوڙيون پائي ويھ.“ ”وڻين ۽ وطن وئي ڪهڙيون پَڳون ٻَڌيون ۽ ڪهڙا پيئبا ڪِير؟“

اُهي اهڙا املھ ماڻڪ ۽ موتي وينجهارن جي کوٽ سبب مٽيءَ ۾ گڏيا پيا آهن، ڪوبه انهن جو مُلھ ڪٿڻ وارو نه آهي، ڪوبه سخنوار اهڙو نه رهيو آهي جيڪو انهن اصل قوت جي سر چشمن جي سار لهي. ”وڏي وَٿ هيام، ٻاروچا پنيور ۾.“ اسان جيئن مٿي چئي آيا آهيون ته انهن ٻارڙن جي لڪل خاصيتن، تخليقي قوتن ۽ ٻهادرانا وصفن کي ظاهر ڪرڻ ۽ ڪم ۾ آڻڻ لاءِ عملي ٻنائڻ ۽ صحيح رُخ وٺائڻ جو ڪم جيئن نه ٻارڙن جي تنظيمن جو ئي هوندو آهي، پر اهڙين تنظيمن جي اڪثر ميمبرشپ ۽ حيثيت وچئين طبقي جي احساس ڪمتريءَ ورتل ٻارڙن جي هٿ ۾ هوندي آهي، جيڪي پنهنجي ڪم جو دائرو اسڪول تائين محدود رکندا آهن. جڏهن ته هنن جي دنيا اسڪول کان شروع ٿي ۽ اسڪول تي ئي ختم ٿي وڃي ٿي. جڏهن ته اسڪولن کان ٻاهر (مجبورين ۽ ٻي وسين سببان) گهمندڙ ٻارڙا شاگردن جهڙو ساھ نٿا رکن. هن سماج ۾ اهي ڇُرندڙ پُرندڙ ڳَڙن جا جڙ نه ڪيڙا آهن، جن کان نفرت ڪرڻ ۾ فضيلت آهي. اُن سان ٻِنو نقصان رسندو آهي. هڪ طرف نه اُهي وچئين طبقي جي نفسيات رکندڙ ٻارڙا جيڪي تنظيمن جي ميمبريءَ ۽ قيادت تي چانيل هوندا آهن، سي طبقاتي طور تي مليل تحفي، مفاد پرستيءَ ڪري تنظيم جي ڪاز سان سچائي، نظرياتي جاڻ، مسلسل جدوجهد ۾ ثابت قدميءَ ۽ قربانيءَ جي رجحان پيدا ڪرڻ بجاءِ تنظيم جي پليٽ فارم تان، رَهائي، واقفيت ۽ ذاتي شهرت ۽ شخصيت جي چمڪائڻ وارا اصل مقصد حاصل ڪري جدوجهد هلندي تنظيم کي ڌوڪو ڏئي ۽ پنهنجي موروثي جڳھ

آفيسر شاهيءَ جا پرزا بڻجي ويندا آهن. ۽ پين ڪارڪنن کي بہ مايوس ڪري، ٿيڙي، پنيلائي ۽ ترا ڪيدي ويندا آهن: تہ ٻئي طرف جيڪا اصل قوت، صحيح، سالم ۽ سريح کيپ يعني هيٺئين طبقي جا ڏڪاريل، نفرتن جا شڪار مسڪين ۽ رڙا جيڪي اُن تنظيم ۾ اچي ۽ ان جي مقصدن کي پنهنجي مرڻ جيئڻ جو مسئلو سمجهي ان جا ٻانڪا ۽ بيباڪ ڪارڪن ٿي ان کي اڳتي وٺي هلن ٿا ۽ سچيون سچيون زندگيون اُن جدوجهد جي نذر ڪري ڇڏين ها، سي نفرتن جي نگاهہ سان ڏٺا ويا، ڪين جهڙا سمجهيا ويا. تنولين لائق ۽ مهڙي هاب بڻايا ويا، جنهن سبب اهي ان تنظيم ۾ نہ اچي سگهيا ۽ تنظيم ٻٽي تعطل جو شڪار بڻجي وئي. پر اسان جيئن مٿي چئي آيا آهيون تہ انهن ٻارڙن جي تنظيمن ۾ ايندڙ وچئين طبقي جي ٻاڙرن جون پَڪن پُختن، تحريڪي ڪارڪنن طرفان نظرياتي تربيتون ٿين تہ جيئن تہ اُهي پنهنجي طبقاتي غلاظتن کان جان آجي ڪري پاڻ کي تنظيم سان تاحيات واڳي ڇڏين. اهوئي عمل انهن کي انهن هيٺئين طبقي جي بظاهر ڪوجهن پر اصل ۾ انتها پيارن ٻارڙن جي ويجهو آڻڻ ۾ هيڪ محسوس نہ ڪرائيندو، اهڙيءَ طرح وچئين طبقي جي چند ذهني طرح پُختن ۽ نظرياتي طرح هٿيا ربند ٻارڙن ۽ تمام گهڻي تعداد ۾ انهن هيٺئين طبقي جي ٻارڙن تي مشتمل تنظيم نهي ئي قومي آزاديءَ جي جدوجهد جو آئيندو روشن ۽ منزل اوڏڙي ڪري سگهندي.

جڏهن بہ عوام، مذهبي يا سياسي طور تي غلام هجي تہ اتان جي اديب جو فرض آهي تہ اُهي شيون سرجي جيڪي سندس مجبور ۽ محڪوم عوام منجهان ڦُٽي نڪرن. خاص ڪري عيسائيت ۾ اهو تاثر عام ڏنو ويندو آهي تہ اُها ان ادب کي ڦهلجڻ ۾ مدد ڪري ٿي، جيڪو بائيبل جي تشريح هجي يا عيسائيت کي ڦهلجڻ ۾ مدد ڪري. جڏهن بہ ڪا قوم اخلاقي طور يا مذهبي طور يا سياسي طور غلام هوندي آهي، تہ اتي حاڪم ٽولن جي فن ڏانهن روش اها هوندي آهي تہ هو هر پليٽ فارم تان پنهنجي پارسائي ۽ وڏائي، عزت ۽ احترام جو ڏاڪو جمائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ان صورت ۾ غلام قوم جي اڪثر ادب ۽ خصوصن تاريخ ۾ ڏارين جي هٿ چراند جا اثرات موجود هوندا آهن.

(ليئو ٽالسٽاءِ)